**TAMSAAL**
ISSN Print: [3007-5939](#)
ISSN Online: [3007-5947](#)
Volume 4, Number 10, 2026, Pages 49 – 80
Journal Home Page
https://tamsaal.pk/index.php/tamsaal/index

# Social Change and Cultural Consciousness in Sindhi Short Stories of Sahiti Pargana: A Critical and Analytical Study

## ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور: هڪ تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

**Khalid Sahil Keerio[1], Dr. Amir Ali Shah[2], Bakhtawar Channa[3], Qamar Abbas Mari[4]**

*[1]Lecturer, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan, Email: Khalid.keerio@sbbusba.edu.pk*
*[2]Associate Professor and Chairman Department of Sindhi Language and Literature SBU, SB, Email: amir.shah@sbbusba.edu.pk*
*[3]Teaching Assistant, Department of Sindhi Language and Literature, SBBU, SBA, Email: bakhtawar.channa@sbbusba.edu.pk*
*[4]M.Phil Scholar, Teacher, Education and literacy department government of Sindh, Email: qamarabbasmari786@gmail.com*

**ARTICLE INFO**

**Article History:**

| | | |
|---|---|---|
| *Received:* | *August* | *13, 2026* |
| *Revised:* | *September* | *16, 2026* |
| *Accepted:* | *September* | *27, 2026* |
| *Available Online:* | *October* | *05, 2026* |

**Keywords:**

*Sahiti Pargana; Sindhi Short Story; Social Change; Cultural Consciousness; Social Realism; Progressivism; Psychological Realism; National Consciousness; Women Writers; Sindhi Literature, Khalid Sahil Keerio.*

**Corresponding Author:**
*Khalid Sahil Keerio*
**Email:**
*Khalid.keerio@sbbusba.edu.pk*

**DOI:** *https://doi.org/10.59075/tamsaal.v4i10.207*

## ABSTRACT

*Sahiti Pargana occupies a significant position in the literary and cultural history of Sindhi literature. This study critically examines the representation of social change and cultural consciousness in Sindhi short stories of Sahiti Pargana before and after the Partition of the Indian subcontinent. It explores the region's historical, social, cultural, and literary contexts, focusing on thematic and technical developments in Sindhi short fiction. The study reveals an evolution from traditional narratives, folklore, and moral themes towards social realism, progressivism, nationalism, psychological realism, existentialism, symbolism, and modern literary experimentation. Before Partition, writers including Manohar Das, Parumal Kevalramani, Khushiram Waswani, Amar Lal Hingorani, Lekho Tulsiani, M. R. Maidasani, and Hashu Kevalramani highlighted moral values, social reform, class divisions, women's status, human empathy, and national consciousness. Amar Lal Hingorani particularly employed social realism and innovative narrative techniques to portray institutional contradictions, human values, and religious tolerance. After Partition, writers such as Ghulam Qadir Soomro, Munir Ahmed Manik, Nasir Morai, Rashid Morai, Mushtaq Bagani, Zafar Laghari, and others explored poverty, unemployment, social injustice, rural life, political conditions, gender inequality, and changing cultural values. Munir Ahmed Manik emphasized psychological and existential concerns, while Anand Khemani contributed psychological realism and formal experimentation. Rashid Morai portrayed local environments, rural idioms, and cultural memory. Women writers, including Sameena Memon, Abida Ghanghro, and Bano Mehboob Jokhio, addressed female identity, domestic injustice, marital conflicts, and gender discrimination. The study concludes that Sahiti Pargana's Sindhi short fiction serves as a vital literary medium for documenting social transformation, preserving cultural identity, expressing human experiences, and reflecting collective consciousness across changing historical periods.*

OPEN ACCESS

***© 2026 The Authors, Published by ULLR. This is an Open Access Article under the Creative Common Attribution (CC-BY 4.0)***

ڪنهن بہ خطي جي ادبي تخليقن ۾ موجود سماجي ۽ ثقافتي شعور کي سمجهڻ لاءِ ان خطي جي تاريخي، جاگرافيائي، سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر جو مطالعو بنيادي اهميت رکي ٿو. ادب سماج کان الڳ وجود نٿو رکي؛ بلڪ ليکڪ پنهنجي ماحول، اجتماعي زندگي، تاريخي تجربن، ثقافتي روايتن، سماجي قدرن ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن کي پنهنجي تخليق ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي ۽ ثقافتي شعور جي اڀياس کان اڳ ساهتي پرڳڻي جي تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

### ساهتي پرڳڻي جو تاريخي تعارف

نواب شاهہ ضلعي جي اترئين حصي کي قديم زماني کان وٺي "ساهتي پرڳڻو" ڪري سڏيو ويندو آهي. ساهتي پرڳڻي ۾ ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز ۽ مورو تعلقا شامل آهن ۽ انهن ٽنهي تعلقن کي گڏيل طور "ساهتي پرڳڻو" چيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو:

> "نواب شاهہ ضلعي جي اترئين حصي کي قديم زماني کان وٺي 'ساهتي پرڳڻو' ڪري چوندا آهن. ساهتي پرڳڻي ۾ ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز ۽ مورو تعلقا اچي وڃن ٿا. انهن ٽنهي تعلقن کي گڏي 'ساهتي پرڳڻو' ڪري سڏين ٿا." (1)

ساهتي پرڳڻو قديم دور ۾ موجوده انتظامي حدن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وسيع ايراضيءَ تي مشتمل هو. هن خطي ۾ لاکا، سما، سهتا ۽ ٻين ڪيترين ئي "سماٽ" قومن جون آباديون موجود هيون. انهن قومن جون مختلف بستيون قائم هيون، جيڪي گهڻو ڪري پنهنجن قومي سردارن يا مقامي اڳواڻن جي نالن سان سڏبيون هيون. اهڙيءَ طرح ساهتي پرڳڻي جي سماجي جوڙجڪ ابتدا کان ئي مختلف قومن، ذاتين ۽ قبيلائي گروهن جي گڏيل آباد ڪاريءَ تي ٻڌل نظر اچي ٿي. ساهتي نالي جي نسبت بابت ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو:

> "ساهتي پرڳڻي تي اهو نالو سهتا قوم جي نالي پٺيان پيو. هي پرڳڻو قديم دور ۾ موجود هو ۽ ان زماني ۾ 'لوهاڻي' صوبي جو هڪ اهم ۽ مکيہ پرڳڻو هو." (2)

"ساهتي" نالو قديم سماجي ۽ تاريخي سڃاڻپ سان وابستہ آهي. سهتا قوم جي نسبت سان قائم ٿيل هي نالو هن خطي جي قدامت ۽ سماجي سڃاڻپ کي نمايان ڪري ٿو. مختلف قومن جي آبادڪاريءَ سبب هتي هڪ اهڙو سماجي ماحول وجود ۾ آيو، جنهن ۾ مختلف روايتن، رسمن، رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافتي قدرن هڪ ٻئي سان گڏجي خطي جي گڏيل ثقافتي سڃاڻپ کي تشڪيل ڏني. هي خطو اوائلي دور کان علم، تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان اهميت رکندڙ هيو. سنڌ تي مختلف دورن ۾ ٿيندڙ سياسي ۽ فوجي تبديلين جا اثر ساهتي پرڳڻي تي پڻ پيا. محمد بن قاسم جي سنڌ فتح واري مهم دوران پڻ ساهتي جي سياسي حيثيت نمايان ٿي. ان سلسلي ۾ ذيل تاريخي حوالي موجب:

> "سن 711ع ۾ عربن سنڌ تي حملو ڪيو. ان وقت بہ ساهتي پرڳڻو لوهاڻي صوبي جو هڪ حصو هو ۽ ان وقت سنڌ جي حاڪم راجا ڏاهر جي پاران ان تي هڪ هندو راجا راڄ ڪندو هو. محمد بن قاسم جڏهن سيوهڻ جو علائقو فتح ڪيو، تڏهن لوهاڻي صوبي جي حاڪم 'اگهم' جنهن جي هٿ هيٺ لاکاڻ، لوهاڻو ۽ ساهتي پرڳڻو هئا، فرمان موکلي تابعداريءَ جي گهر ڪئي." (3)

ساهتي پرڳڻو عربن جي آمد کان اڳ بہ هڪ منظم انتظامي ۽ سياسي خطي جي حيثيت رکندو هو. ان جي سياسي حيثيت سان گڏ هتي موجود مقامي سماج، آبادي ۽ ثقافتي روايتون بہ پنهنجي ارتقائي عمل مان گذري رهيون هيون. تاريخي سياسي تبديليون ڪنهن بہ سماج جي اجتماعي شعور کي متاثر ڪنديون آهن؛ تنهنڪري ساهتي جي ڪهاڻيءَ ۾ موجود سماجي روين ۽ ثقافتي احساسن کي سمجهڻ لاءِ ان جي تاريخي تبديلين کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي ساهتي جي جاگرافيائي ۽ دفاعي اهميت بيان ڪندي لکي ٿو:

> "اوائلي وقت ۾ جيڪي بہ سنڌ تي اتر ـ اولهہ کان ڌاريان حاڪم ڪاهي ايندا هئا تہ سڀ کان پهريان سيوهڻ کان اچي حملو ڪندا هئا. گويا ان دور ۾ سيوهڻ ڌارين جي ڪاهڻ لاءِ سنڌ جو هڪ دروازو هو. سيوهڻ

ساهتي جي قديم شهر ۾ تختگاھ دربيلي جي بلڪل سامهون هو. ان ڪري دشمن سولائيءَ سان هن علائقي ۾ اچي سگهندا هئا.“ (4)

سيوهڻ ۽ دربيلي جهڙن قديم مرڪزن سان ويجهڙائي ۽ مختلف سياسي قوتن جي اچ وڃ سبب هي خطو مختلف تهذيبي ۽ ثقافتي اثرن سان واسطو رکندو رهيو. اهڙيءَ ريت ساهتي جي تاريخي سڃاڻپ ۾ جاگرافي، سياست، سماج ۽ ثقافت هڪ ٻئي سان ڳنڍيل عنصرن طور نظر اچن ٿا. سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ به ساهتي پرڳڻي کي خاص اهميت حاصل رهي. ان ڪان پوءِ مغلن جي دور ۾ پڻ هن خطي جي انتظامي ۽ دفاعي اهميت برقرار رهي. مغل شهنشاھ اڪبر جي دور ۾ سندس سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان جڏهن سنڌ ڏانهن فوجي مهم تي روانو ٿيو ته ساهتي جي علائقي مان گذري دربيلي ۾ قيام ڪيو. ان واقعي بابت مير محمد معصوم بکري لکي ٿو:

”مغل شهنشاھ اڪبر بادشاھ جي سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي حملو ڪيو، سن 1599ع ۾ هو ٺٽي ويندي، ساهتيءَ جي علائقي مان لنگهندي اچي دربيلي ۾ رهيو. دربيلي جي وڏي جيد عالم مخدوم محمد عثمان ڪان سنڌ جي فتح جي دعا گهرايائين. سنڌ جي فتح ڪان پوءِ اڪبر بادشاھ ساهتي جو پرڳڻو مير معصوم کي جاگير طور ڏنو هو.“ (5)

ساهتي پرڳڻي ۾ علمي ۽ مذهبي سرگرمين جون مضبوط روايتون موجود هيون. اهڙيون روايتون اڳتي هلي سماج جي فڪري ۽ ثقافتي شعور جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. مغل دور ۾ ساهتي پرڳڻو بکر سرڪار جي ماتحت هو ۽ ساهتي جو سمورو علائقو ان انتظامي وحدت ۾ شامل هو. علائقي جي حفاظت لاءِ به سؤ سوار ۽ پنج سؤ سپاهي موجود هوندا هئا. ڪلهوڙن جي اوائلي دور تائين هن پرڳڻي جي اها اهميت گهڻي حد تائين برقرار رهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ساهتي پرڳڻو انتظامي ۽ دفاعي لحاظ کان به اهم خطو هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ ساهتي پرڳڻي جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم تبديلي آئي. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

”ميان نصير محمد ڪلهوڙي اورنگزيب بادشاھ جي زماني ۾ 1658ع ۾ ساهتي جو پرڳڻو هٿ ڪيو ۽ هن علائقي جو فتح ڪندڙ سندس خليفو فيروز وارڻ هو، جنهن نوشهري فيروز جو شهر ٻڌو، جنهن جو وجود اجا تائين قائم آهي.“ (6)

ڪلهوڙن جي دور ۾ ساهتي پرڳڻي جي انتظامي جوڙجڪ ۾ به تبديليون آيون. تاريخي روايتن موجب هن دور ۾ ساهتي پرڳڻو ٻن اهم حصن ۾ ورهايل هو: هڪ ڪنڊيارو پرڳڻو ۽ ٻيو نوشهرو فيروز ۽ مورو پرڳڻو. هن انتظامي ورهاست مان ظاهر ٿئي ٿو ته ساهتي پرڳڻو سياسي ۽ انتظامي لحاظ کان به اهم خطو هو. روايتن موجب نوشهرو فيروز جو پرڳڻو ميان عطر خان جي حوالي ڪيو ويو، پر پوءِ غلام شاھ ڪلهوڙي فوج وني مٽس ڪاھ ڪئي ۽ نتيجي طور اهو علائقو غلام شاھ جي قبضي ۾ اچي ويو. ڪلهوڙن جي دور جي پڇاڙيءَ واري زماني ۾ سن 1781ع ۾ قنڌار ڪان مدد خان پناڻ سنڌ ۾ داخل ٿيو. سندس لشڪر جي ڦرلٽ ۽ تباهيءَ سبب سنڌ جي ٻين علائقن سان گڏ ساهتي پرڳڻي جا به ڪيترائي وسندڙ علائقا سخت متاثر ۽ برباد ٿيا. مدد خان جي ڪاھ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي تباهيءَ واري مرحلي جي حيثيت رکي ٿي، جنهن جو اثر مقامي آبادي، معاشي سرگرمين، آبادين ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پيو. انگريزن جي دور حڪومت ۾ ساهتي پرڳڻي جو علائقو برٽش سرڪار جي انتظام هيٺ آيو. هن دور ۾ سنڌ جي سياسي، انتظامي، تعليمي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ اهم تبديليون رونما ٿيون، جن جا اثر ساهتي پرڳڻي تي پڻ پيا. انتظامي ڍانچي جي تبديلي، نون شهرن ۽ بازارن جي واڌ، آمدرفت جي ذريعن ۾ بهتري، جديد تعليم جي شروعات ۽ سرڪاري ادارن جي قيام سان مقامي سماج ۾ نون لاڙن جي واڌ ٿي. ساهتي پرڳڻي ۾ مختلف قومون، ذاتيون ۽ سماجي گروھ آباد رهيا آهن. انهن جي گڏيل رهڻي ڪهڻي، روزمره جي رابطن، معاشي سرگرمين، مذهبي روايتن، رسم ۽ رواج ۽ ثقافتي قدرن گڏجي هن خطي جي مخصوص سماجي سڃاڻپ کي جنم ڏنو. هتان جي ماڻهن جي رسم ۽ رواج، رهڻ ڪرڻ جا طور طريقا ۽ ڳالهائڻ جو لهجو پڻ هڪ مخصوص نوعيت رکن ٿا. مختلف سماجي گروهن جي گڏيل آبادڪاريءَ سبب هتي ثقافتي تنوع سان گڏ هڪ گڏيل علائقائي شعور پڻ پيدا ٿيو. انگريزن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نثر جي باقاعده واڌ ۽ ارتقا لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيا. ڇپائيءَ جي سهولت، تعليمي ادارن جي قيام، درسي ڪتابن جي تياري ۽ سرڪاري سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال سنڌي نثر جي ترقيءَ کي نئون رخ ڏنو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معياري صورت جي تشڪيل پڻ هڪ اهم

لساني عمل هو. ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ ۽ لهجي کي سنڌي نثر جي معياري صورت جي تشڪيل ۾ خاص اهميت حاصل ٿي. ساهتي جو سنڌي لهجو سرڪاري ۽ تعليمي سطح تي معياري لهجي طور قبول ڪيو ويو، جنهن جي بنياد تي تيار ٿيندڙ نصابي ڪتابن ۾ ان جو استعمال رائج ٿيو. اڳتي هلي اهو لهجو سنڌيءَ جي ادبي ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪري ويو ۽ اڄ به سنڌي نصابي ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ ان جا نمايان اثر موجود آهن. هن لساني حيثيت جو ساهتي پرڳڻي جي ادبي ارتقا سان گهرو تعلق آهي. جڏهن ڪنهن علائقي جو لهجو ادبي ۽ تعليمي ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪري ٿو ته ان خطي جي روزمره زندگي، محاورن، اصطلاحن، لفظن، ثقافتي نشانين ۽ سماجي تجربن کي ادبي اظهار ۾ منتقل ٿيڻ جا وڌيڪ موقعا حاصل ٿين ٿا. انهيءَ پسمنظر ۾ ساهتي پرڳڻي جي ڪهاڻيڪارن جي ٻولي، محاورن، ڪردارن جي گفتگو ۽ ثقافتي علامتن جو مطالعو پڻ خاص اهميت رکي ٿو.

انگريزن جي دور ۾ جديد تعليم، نثري ادب، ڇپائي ۽ معياري ٻوليءَ جي واڌ هن سماج جي فڪري دنيا ۾ نون لاڙن کي جنم ڏنو. نتيجي طور روايتي سماجي قدرن سان گڏ جديد تعليم، سماجي سڌارن، عورت جي حيثيت، معاشي تبديلي، شهري زندگي، سياسي شعور ۽ جديد فڪر جهڙا موضوع به سماجي شعور جو حصو بڻجڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ساهتي جو سماج هڪ طرف پنهنجي قديم ثقافتي روايتن سان جڙيل رهيو ته ٻئي طرف جديد دور جي فڪري ۽ سماجي اثرن کي پڻ قبول ڪندو ويو. ساهتي پرڳڻي جي تاريخي ارتقا مان معلوم ٿئي ٿو ته هن خطي ۾ سماجي تبديلي ڪنهن هڪ دور تائين محدود نہ رهي. مختلف سياسي دورن، آباديءَ جي تبديلي، شهرن جي قيام، علمي روايتن، مذهبي اثرن، معياري ٻوليءَ جي ارتقا ۽ ثقافتي قدرن گڏجي ساهتي سماج جي مخصوص سڃاڻپ جوڙي. ان مخصوص سماجي ماحول جو اثر هتان جي ادبي تخليقن تي به پيو. سنڌي ڪهاڻي پنهنجي فطرت ۾ سماج سان گهرو تعلق رکندڙ صنف آهي. ڪهاڻيڪار پنهنجي چوڌاري موجود زندگيءَ مان ڪردار، واقعا، مسئلا، تضاد، قدر ۽ ثقافتي علامتون حاصل ڪري انهن کي فني صورت ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو مطالعو ڪندي رڳو ڪهاڻين جي فني جوڙجڪ تي نظر رکڻ ڪافي نہ آهي، پر انهن ڪهاڻين ۾ موجود سماجي روين، ثقافتي قدرن، روايتي ۽ جديد سوچ جي ٽڪراءَ، عورت ۽ مرد جي سماجي حيثيت، طبقاتي فرق، معاشي مسئلن، تعليم، ٻهراڙي ۽ شهري زندگي ۽ مقامي ثقافتي سڃاڻپ کي پڻ سامهون رکڻو پوندو. ساهتي جي ڪهاڻيڪارن جي ٻوليءَ ۾ مقامي محاورا، روزمره جي ڳالهائڻ جو انداز، سماجي اصطلاح، لوڪ روايتون ۽ ثقافتي تجربا فطري طور داخل ٿين ٿا. اهڙيءَ ريت ٻولي خود ڪهاڻيءَ ۾ سماجي ۽ ثقافتي شعور جي اظهار جو هڪ اهم وسيلو بڻجي ٿي. ساهتي پرڳڻي جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻهراڙي ۽ شهري زندگيءَ جا تضاد، خانداني نظام، رشتن جي اهميت، غربت ۽ معاشي مسئلا، طبقاتي فرق، تعليم، عورت جي سماجي حيثيت، رسمون ۽ رواج، مذهبي ۽ اخلاقي قدر، سياسي حالتون، جديديت جا اثر ۽ روايتي سوچ سان جديد فڪر جو ٽڪراءُ مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿو. اهي موضوع ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته ڪهاڻيڪار پنهنجي مخصوص علائقائي ماحول کي رڳو منظر طور استعمال نٿو ڪري، پر ان ماحول مان سماجي تجربو ۽ ثقافتي معنيٰ پڻ اخذ ڪري ٿو. هن پسمنظر جي روشنيءَ ۾ ئي ساهتي جي ڪهاڻيڪارن جي تخليقن ۾ موجود سماجي مسئلن، ثقافتي قدرن، روايتي ۽ جديد فڪر، مقامي سڃاڻپ ۽ اجتماعي شعور جي مختلف صورتن کي وڌيڪ جامع ۽ تنقيدي انداز ۾ سمجهي سگهجي ٿو.

### سنڌي ڪهاڻيءَ جو مختصر تاريخي جائزو

ڪهاڻيءَ جو بنيادي تعلق انساني زندگيءَ جي تجربن ۽ احساسن جي اظهار سان آهي. قديم انسان پنهنجا روزمره جا تجربا، شڪار جون وارداتون، خوف، خوشيون ۽ ڪاميابيون جڏهن ٻين سان بيان ڪرڻ لڳو ته قصي ۽ داستان جي ابتدائي صورت وجود ۾ آئي. وقت سان گڏ اهي روايتون منظم ٿيون ۽ انساني تهذيب جي ارتقا سان ڪهاڻي به فڪري ۽ فني طور ترقي ڪندي جديد مختصر ڪهاڻيءَ جي صورت اختيار ڪئي. سنڌي ڪهاڻيءَ جا بنيادي سرچشما زباني ۽ لوڪ ادب ۾ ملن ٿا. عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي ۽ دودو چنيسر جهڙن داستانن ۾ پلاٽ، ڪردارنگاري، مڪالمه، منظرنگاري، داخلي ڪشمڪش ۽ انساني جذبن جا عنصر موجود آهن، جيڪي جديد افسانوي ادب جي فني ارتقا لاءِ اهم بنياد بڻيا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي جي شاعريءَ ۾ پڻ داستاني انداز، علامتي اسلوب، انساني نفسيات، محبت، آزادي، مزاحمت ۽ انسانيت جا فڪري پهلو موجود آهن، جن سنڌي افسانوي ادب جي فڪري سرشتي کي متاثر ڪيو. قديم دؤر ۾ آکاڻين، الف ليلا، طوطي نامي، مذهبي حڪايتن، ديو مالائي قصن، لوڪ داستانن ۽ مثالي روايتن ذريعي انساني تجربا، اخلاقي قدر ۽ ثقافتي شعور نسل در نسل منتقل ٿيندا رهيا. جديد مختصر ڪهاڻي انهن ئي روايتن جي ارتقا يافته ۽ فني

طور منظم صورت آهي. مختصر ڪهاڻيءَ جي فني جوڙجڪ بابت مختلف نقادن پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن. سر هيوز ڊبليو لکي ٿو:

”مختصر افسانو مختصر ئي هئڻ گهرجي، يعني واقعن ۽ حادثن جو مجموعو، جنهن ۾ چرهر جي رفتار تيز هجي، ارتقا غير متوقع هجڻ ڪري ڪهاڻي هڪ غير يقيني حالت مان گذرندي عروج تائين پهچي ۽ پڄاڻي تسلي بخش ٿئي.“ (7)

هن وصف مان مختصر ڪهاڻيءَ جي اختصار، پلاٽ جي تسلسل، واقعن جي ارتقا ۽ اثرائتي پڄاڻيءَ جي اهميت واضح ٿئي ٿي. اي. جي. ريٽڪلف موجب:

”افسانو سنئين سنڌي آکاڻي نہ آهي، پر هڪ اهڙي فني تخليق آهي، جنهن ۾ فنڪار جي ارادي ۽ حڪمت عمليءَ جو گهڻو دخل آهي.“(8)

هن راءِ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ افسانو رڳو واقعي جو بيان نہ، پر فنڪار جي شعوري فني ترتيب، تخليقي حڪمت عملي، علامت ۽ اسلوب جو نتيجو آهي. ايڇ. جي. ويلس مختصر ڪهاڻيءَ ۾ اختصار کي بنيادي حيثيت ڏيندي لکي ٿو:

”ڪوبہ ننڍڙو ليک، جيڪو ويهن منٽن جي اندر پورو ڪري سگهجي، تنهن کي ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو.“ (9)

يعني مختصر ڪهاڻيءَ جي اهم خصوصيت اختصار آهي، پر اهو اختصار فڪري وحدت ۽ اثرائتي اظهار سان گڏ هجڻ گهرجي. پروفيسر وقار عظيم موجب:

”مختصر ڪهاڻي هڪ اهڙو مختصر ۽ پر فڪر داستان آهي، جنهن ۾ ڪنهن خاص واقعي يا ڪنهن ڪردار تي روشني وڌل هجي. ان ۾ پلاٽ هجي ۽ انهيءَ جي واقعن جو تفصيل اهڙي ريت هجي جو هڪ پڪو تاثر پيدا ڪري.“ (10)

هن وصف ۾ پلاٽ، ڪردار، واقعن جي ترتيب ۽ وحدتِ تاثر کي مختصر ڪهاڻيءَ جا بنيادي فني عنصر قرار ڏنو ويو آهي. منير احمد ماڪ مختصر افساني جي داخلي وسعت بابت لکي ٿو:

”مختصر افساني ۾ زندگيءَ جو مختصر احوال يا سندس ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت بيان ڪئي ويندي آهي، ليڪن ان مختصر احوال ۾ زندگيءَ جون سموريون جهلڪيون ان پهلوءَ ۽ سموري حقيقت ۽ ڪردار جي سموري جيون ڪٿا معلوم ٿيندي آهي.“ (11)

واضح ٿيو تہ مختصر ڪهاڻي محدود جسامت هوندي بہ انساني زندگيءَ جي گهڻ رخي حقيقتن، نفسياتي پيچيدگين ۽ سماجي تجربن کي جامع انداز سان پيش ڪري سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح مختلف وصفن جي مطالعي مان اختصار، وحدتِ تاثر، مضبوط پلاٽ، ڪردارنگاري، فڪري گهرائي ۽ فني ترتيب مختصر ڪهاڻيءَ جا اهم عنصر قرار ونن ٿا. موضوع ۽ فني انداز جي لحاظ کان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي، موضوعاتي، واقعاتي، رومانوي، تاريخي، نفسياتي، ڪرداري، جاسوسي، علامتي، تجريدي ۽ دهشت تي ٻڌل مختلف صورتون ملن ٿيون. انهن مختلف رجحانن سنڌي ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي وسعت ۽ فني تنوع ۾ اضافو ڪيو.

جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي باقاعده ارتقا انگريزن جي دور ۾ ٿي. جديد تعليم، ڇپائيءَ جي فن، اخبارن ۽ رسالن جي اشاعت، سنڌي الف - ب جي ترتيب ۽ مغربي ادب جي مطالعي سنڌي نثر ۾ نئون ادبي شعور پيدا ڪيو. ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ ايم. آر. مائيداساڻيءَ پڻ هن سلسلي ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. هن انگريزيءَ مان "ٻچي رمضان" نالي ڪتاب ترجمو ڪيو، جنهن ۾ غير ملڪي مواد کي سنڌي سماج ۽ مقامي ماحول سان هم آهنگ بڻايو ويو. اها ڪوشش تخليقي موافقت (Creative Adaptation) جو اهم مثال آهي. جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي شروعات بابت محققن جا رايا مختلف آهن. ڪن موجب ان جو آغاز 1910ع ڌاري ٿيو، جڏهن تہ ڪجهہ محقق 1916ع واري عرصي کي اهم سمجهن ٿا. ديوان ڪوڙومل چندن مل، لعل

چند امر ڏنومل، پرمانند ميوارام ۽ پيرومل کي هن ابتدائي مرحلي جا اهم ليکڪ قرار ڏنو ويو ٿو. محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو:

> "شايد کوڙو مل پهريون اديب هو، جنهن جي هٿان اهڙن افسانن جي لکڻ جو آغاز ٿيو." (12)

ديوان کوڙومل بنگالي ليکڪ بينڪم چندر چٽرجي جي سماجي افسانن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري جديد افسانوي شعور کي هٿي ڏني. انهن ترجمن وسيلي سنڌي پڙهندڙ جديد افسانوي ٽيڪنڪ، سماجي حقيقت نگاري ۽ نون موضوعن سان واقف ٿيا. جديد ڪهاڻيءَ جي شروعات بابت جگديش لڇاڻي لکي ٿو:

> "سنڌي ڪهاڻي جو آغاز 1930ع ڌاري امر لعل هنگوراڻي، مرزا نادر بيگ، ۽ آسانند مامتورا جي گڏيل ڪهاڻين سان مڃڻ گهرجي." (13)

جڏهن ته ممتاز مهر موجب:

> "هميشه پڙهي ويندڙ سنڌي جي پهرين ڪهاڻي 'ادو عبدالرحمان' امر لعل هنگوراڻي جي لکيل آهي، جيڪا ورهاڱي کان گهڻا سال اڳ لکي ويئي هئي. هيءَ سنڌيءَ جي پهرين ڪهاڻي آهي." (14)

سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ساهتي جي خطي سان تعلق رکندڙ اديبن سنڌي ڪهاڻيءَ جي فڪري، موضوعاتي ۽ فني اوسر ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. ديوان کوڙومل، لعل چند امر ڏنومل، پرمانند ميوارام، پيرومل ۽ ٻين ليکڪن سماجي سڌاري، اخلاقي قدرن، قومي شعور، انساني همدردي ۽ حقيقت نگاريءَ کي افسانوي ادب جو حصو بڻايو. بعد ۾ امر لعل هنگوراڻي، گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي، حشو ڪيولراماڻي، هري همٿاڻي، آنند کيماڻي ۽ ڪلا پرڪاش جهڙن ڪهاڻيڪارن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ فڪري گهرائي ۽ فني جدت پيدا ڪئي. انهن جي تخليقن ۾ ڳوٺاڻي زندگي، انساني نفسيات، سماجي اڻبرابري، عورت جي حيثيت، قومي سڃاڻپ ۽ ثقافتي قدرن جي عڪاسي ملي ٿي. ساهتي پرڳڻي جي ادبي خدمتن جو دائرو تخليق تائين محدود نه رهيو، پر ترجمي، اشاعت، رسالن، ادبي تنظيمن ۽ فڪري سرگرمين وسيلي پڻ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ويو. ان ڪري سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ ساهتي پرڳڻي کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن نه آهي.

## انگريزن جي دور ۾ سنڌي ڪهاڻي ۽ نوان لاڙا

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪمراني (1843ع کان پوءِ) سان سياسي تبديلين سان گڏ تعليمي، لساني، علمي ۽ ادبي ميدانن ۾ پڻ نوان لاڙا پيدا ٿيا. جديد تعليم، سنڌي ٻوليءَ جي معياري صورت، ڇپائيءَ جي فن، اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت سنڌي نثر کي نئون رخ ڏنو. ديوان کوڙومل بنڪم چندر چٽرجي جي قومي، سماجي ۽ سياسي افسانن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري جديد افسانوي شعور کي هٿي ڏني. ساڳئي ادبي ماحول ۾ لعل چند امر ڏنومل جي "حر مکي جا" پڻ اوائلي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو اهم مثال بڻجي سامهون آئي، جنهن ۾ سماجي حالتن ۽ انساني ڪردارن جي حقيقت پسندانه عڪاسي ملي ٿي. هن دور ۾ سنڌي عورتن پڻ افسانوي ادب ۾ حصو ورتو. ساهتي پرڳڻي ۾ ادبي ادارن، رسالن ۽ مخزنن نون ڪهاڻيڪارن کي تخليقون شايع ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا ۽ ادبي شعور کي مضبوط ڪيو. "کوڙومل ساهت منڊل" پڻ هن سلسلي ۾ اهم ادارو هو، جنهن سنڌي ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ڪيا. اهڙيءَ طرح "ڦلواڙي" رسالو سنڌي ڪهاڻيءَ جي فروغ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. قريشي حامد علي خانائي لکي ٿو:

> "سال 1930ع ۾ امر لعل هنگوراڻي "ڦلواڙي" جي نالي سان سنڌي زبان ۾ هڪ رسالو جاري ڪيو. هن مخزن ۾ سندس ئي بهترين لکيل ڪهاڻيون شايع ٿيون. سندس مشهور ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" پهريان ڦلواڙي ۾ شايع ٿي هئي. اها ڪهاڻي بعد ۾ انگريزي زبان ۾ ترجمو ٿي، پارت ۾ ڇپي." (15)

سنڌي مختصر ڪهاڻي هن سڄي ارتقائي عمل ۾ ساهتي پرڳڻي جي حيثيت خاص اهميت رکي ٿي. هتان جي ليکڪن تخليقي ادب سان گڏ ترجمي، اشاعت، رسالن ۽ ادبي ادارن وسيلي سنڌي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌايو. سندن ڪهاڻين ۾ سماجي تبديلي، ثقافتي قدر، قومي سڃاڻپ، انساني رشتا، عورت جي حيثيت ۽ سماجي حقيقتون نمايان ٿيون. هن دور جي اهم خصوصيت

حقيقت نگاري هئي. جديد تعليم ۽ مغربي ادب جي اثر هيٺ سنڌي ليکڪن سماج کي ان جي حقيقي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. غربت، طبقاتي اڻبرابري، جاگيرداراڻي نظام، سماجي ناانصافي، مذهبي منافقت، اخلاقي زوال ۽ عام ماڻهوءَ جا مسئلا ڪهاڻيءَ جا اهم موضوع بڻيا. اهڙيءَ طرح سنڌي ڪهاڻي سماجي حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ صنف طور اڀري. هن تبديليءَ ۾ ساهتي پرڳڻي جي افسانه نگارن جو ڪردار نمايان رهيو. هتان جي ليکڪن جديد افسانوي لاڙن کي مقامي سماج، ثقافت ۽ انساني تجربن سان هم آهنگ ڪري پيش ڪيو. سندن ڪهاڻين ۾ ڳوٺاڻي زندگي، جاگيرداراڻي نظام، سماجي استحصال، انساني رشتا، اخلاقي قدر ۽ ثقافتي سڃاڻپ حقيقت پسند انداز سان نمايان ٿيا. ساهتي پرڳڻي جي اهم افسانه نگارن ۾ امر لعل هنگوراڻي حقيقت نگاريءَ جي شروعاتي نمائندن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس "ادو عبدالرحمان"، "گوليءَ جو گناهه" ۽ "لکيو ڪين ٽريو" اهم ڪهاڻيون آهن. خاص طور "ادو عبدالرحمان" جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سادي، سچي ۽ بي لوث انسان جي ڪردار وسيلي سماجي منافقت، عدالتي پيچيدگين ۽ اخلاقي زوال کي پيش ڪيو ويو آهي. فني پختگي، وحدتِ تاثر، ڪردارنگاري ۽ حقيقت نگاريءَ سبب ان کي سنڌي جديد مختصر ڪهاڻيءَ جي اوائلي اهم تخليقن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ان جي ادبي اهميت جو هڪ ٻيو پاسو اهو آهي ته ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ٿيو. امر لعل هنگوراڻي سان گڏ مرزا نادر بيگ ۽ آسانند مامتورا پڻ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ نون فڪري ۽ فني لاڙن جا اهم نمائندا هئا. ممتاز مهر انهن ٽنهي جي فڪري رجحانن بابت لکي ٿو:

> "امر لعل هنگوراڻي، نادر بيگ، ۽ آسانند مامتوراء حقيقت نگاري جي ٽن الڳ الڳ لاڙن جي نمائندگي ڪن ٿا. امر لعل عام سماجي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. نادر بيگ جو رجحان رومانس ڏانهن وڌيڪ هو، جڏهن ته آسانند مامتوراء جديد نفسيات جي مطالعي کان پوءِ گهڻي ڀاڱي انسان جي جنسي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندو." (16)

جيتوڻيڪ نفسياتي رجحان کي ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ وڌيڪ پختگي حاصل ٿي، پر ان جا بنيادي آثار انگريز دور جي افسانوي ادب ۾ ئي موجود هئا. ساڳئي وقت اصلاحي ۽ سماجي شعور پڻ سنڌي ڪهاڻيءَ جو اهم فڪري پاسو بڻجي سامهون آيو.

### ترقي پسنديءَ وارو لاڙو

برصغير ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ جي باقاعده شروعات 1936ع ۾ ٿي، پر سنڌي افسانوي ادب ۾ ان جا بنيادي آثار ان کان اڳ ئي موجود هئا. امر لعل هنگوراڻي جي ادو عبدالر"حمان" پڻ انساني همدردي، سماجي انصاف، مذهبي رواداري ۽ سيڪيولر فڪر سبب ترقي پسند لاڙن سان لاڳاپيل اهم تخليق آهي. ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي عزت، سچائي ۽ انصاف کي مذهبي ۽ طبقاتي فرق کان مٿانهون رکيو ويو آهي. ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هاري، مزدور، پورهيت، غريب، عورت ۽ محروم طبقن جي زندگي مرڪزي موضوع بڻجي وئي. جاگيرداراڻي ظلم، معاشي استحصال، بک، بيروزگاري، طبقاتي فرق ۽ سماجي ناانصافي وڌيڪ شدت سان ڪهاڻي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳا. ان سلسلي ۾ 1945ع ۾ شايع ٿيل افسانوي مجموعي "پرهه ڦٽي" کي خاص اهميت حاصل آهي، جنهن ۾ گوبند مالهي جي "هاري حقدار" ڪهاڻي هاري طبقي جي معاشي بدحالي، زميندارن ظلمن ۽ انساني حقن جي جدوجهد کي حقيقت پسند انداز سان پيش ڪري ٿي. ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ گوبند مالهي ترقي پسند تحريڪ جي اهم معمارن مان شمار ٿئي ٿو. ترقي پسند تحريڪ جي تنظيمي پسمنظر بابت شوڪت حسين شورو لکي ٿو:

> "نوجوان ليکڪ جيڪي اڪثر مارڪسوادي هئا تن هڪ اسٽڊي سرڪل ناهي ۽ پوءِ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو، انهن ليکڪن ۾ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، سوڀوگيانچنداڻي، آنند گولاڻي، ڪرشن کٽواڻي، ليکو ٽلسياڻي شامل هئا. جن جي ترقي پسند تحريڪ سان فطرتي وابستگي هئي. هنن جو خيال هو ته ادب وسيلي، خاص طور ڪهاڻي ۽ شاعريءَ وسيلي طبقاتي بنيادن تي نهيل سماج ۾ انقلابي تبديليون آڻي ان کي غير طبقاتي نظام ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن هو." (17)

### قومپرستيءَ وارو لاڙو

سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي فڪري ارتقا ۾ قومپرستيءَ وارو لاڙو هڪ اهم رجحان آهي، جنهن سنڌي افسانوي ادب کي قومي سڃاڻپ، تاريخي شعور، ثقافتي بقا ۽ سياسي آزاديءَ جي فڪر سان ڳنڍيو. خاص طور 1940ع کان 1947ع واري عرصي ۾ سامراجي قوتن خلاف مزاحمت، قومي حقن، سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، سماجي انصاف ۽ قومي سڃاڻپ جي تحفظ جا موضوع افسانوي ادب ۾ نمايان ٿيا. قومپرست فڪري لاڙي کي هٿي ڏيندڙ اديبن ۾ شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند پنجابي، حيدربخش جتوئي ۽ احسان بدوي کان علاوه ساهتي پرڳڻي جي ڪهاڻيڪارن پڻ قومي شعور کي مقامي سماجي مسئلن، هارين ۽ پورهيتن جي جدوجهد، ثقافتي سڃاڻپ ۽ انساني قدرن سان ڳنڍي پيش ڪيو. هن سلسلي ۾ گوبند مالهي جو نالو خاص اهميت رکي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ هارين جي زندگي، پورهيت طبقي جون محروميون، قومي حق، عوامي جدوجهد ۽ سماجي انصاف قومي شعور سان هم آهنگ نظر اچن ٿا. ساڳيءَ طرح آنند گولاڻي پنهنجي افسانوي ادب ۾ انساني آزادي، قومي سڃاڻپ، ثقافتي تحفظ ۽ سماجي ذميواريءَ کي اهميت ڏني، جڏهن ته ڪرشن ڪتواڻي سنڌي سماج جي نفسياتي، سماجي ۽ ثقافتي مسئلن کي قومي تناظر سان ڳنڍيو. اهڙيءَ ريت قومي سڃاڻپ کي رڳو سياسي تصور بدران انساني وجود، ثقافتي ورثي ۽ سماجي قدرن سان وابسته ڪري پيش ڪيو ويو. ساهتي پرڳڻي جي ٻين ڪهاڻيڪارن پڻ سنڌ دوستي، قومي هم آهنگي، ثقافتي ورثي، ٻوليءَ جي بقا، عوامي حقن ۽ سماجي ذميواريءَ کي پنهنجي افسانوي ادب جو حصو بڻايو. هتان جي افسانه نگارن جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي فني بنيادن، سماجي شعور ۽ فڪري واڌاري ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سندن تخليقن ۾ ڳوٺاڻي زندگي، انساني رشتا، سماجي اڻبرابري، طبقاتي شعور، قومي احساس، ثقافتي سڃاڻپ، سياسي بيداري ۽ انساني نفسيات جا مختلف پهلو نمايان نظر اچن ٿا. ورهاڱي کان اڳ ديوان ڪوڙومل، امر لعل هنڱوراڻي، گوبند مالهي، آنند گولاڻي، ڪرشن ڪتواڻي، حشو ڪيولراماڻي، هري همٿاڻي، ڪلا پرڪاش ۽ آنند ڪيماڻي سميت ڪيترن ليکڪن سنڌي ڪهاڻيءَ کي فڪري ۽ فني بنياد فراهم ڪيا. ساهتي پرڳڻي سان لاڳاپيل ڪيترن ليکڪن ورهاڱي کان پوءِ به سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ وارن ساهتي پرڳڻي جي ڪجھ اهم ڪهاڻيڪارن جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي سماجي تبديليءَ ۽ ثقافتي ۾ ادا ڪيل ڪردار جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

## منوهر داس (1897ع ـ 1984ع)

ديوان منوهر داس ڪوڙومل نامياري عالم، اديب ۽ سنڌي نثر جي اهم شخصيت ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻيءَ جو فرزند هو. سندس جنم ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر پريا ۾ ٿيو. منوهر داس ڪهاڻيڪار سان گڏ تحقيق، مضمون نگاري، سوانح نگاري، ترجمي نگاري، ٻاراڻي ادب، اخلاقي ادب، سماجي سڌاري ۽ صحت بابت پڻ لکيو آهي. سندس فڪري دلچسپيءَ جو بنيادي محور انساني ڪردار جي تعمير، اخلاقي قدرن جي ترويج، سماجي ذميواري ۽ انساني ڀلائي ڪندڙ هو. منوهر داس جي ڪهاڻي نويسيءَ جي اهم خصوصيت اها آهي ته سندس ڪهاڻين ۾ اخلاقي قدرن کي سڌيءَ ريت پيش ڪرڻ بدران ڪردارن، واقعن ۽ نتيجن وسيلي نمايان ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين جو وڏو حصو اهڙي فڪري جوڙجڪ رکي ٿو، جنهن ۾ پڙهندڙ کي ڪنهن نه ڪنهن انساني قدر بابت سوچڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. سچائي، ايثار، قرباني، همدردي، ڪشاده دلي، لالچ کان پاسو، انسان دوستي ۽ ڪردار جي پاڪيزگي سندس ڪهاڻين جا نمايان موضوع آهن. منوهر داس جون ڪهاڻيون رسالي "سنڌو" ۾ پڻ شايع ٿينديون رهيون، جتي نصيحت آموز ۽ اخلاقي ڪهاڻين جي روايت کي هٿي ملي. سندس ڪهاڻي "ڏينهن ۽ رات" ان حوالي سان اهم آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪهاڻيءَ ۾ اخلاقي فڪر سان گڏ سماجي طنز جو عنصر پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪهاڻيءَ جو هي اقتباس ليکڪ جي اسلوب ۽ طنزيه انداز کي واضح ڪري ٿو:

> "جنهن مهل ڏينهن پئي ويو ۽ رات سندس خالي جاءِ پرڻ پئي آئي، تنهن مهل آئون جو ذرا مڙس هوس خالي، سو پنهنجي باغيچي ۾ وينو هوس، ويني ويني مون ڇا ڏٺو ته ڏينهن پئي ويو ۽ رات پئي آئي "خدا حافظ راڻي رات"، "خدا حافظ ڏاڏا ڏينهن". رات چيو: ڏينهن الوداع، ٻارنهن ڪلاڪن لاءِ وڃان ٿو. رات ڪنڌ ڌوڻيو، ٻيو ڪين ڪڇيائين." (18)

منوهر داس جي ڪهاڻين جي اهم مجموعن ۾ "من جا مڻيا" (1927ع)، "اخلاقي ڪهاڻيون" (1940ع) ۽ "ملهائتا موتي" آهن. انهن مجموعن مان سندس ادبي لاڙو، اخلاقي فڪر ۽ سماجي سڌاري بابت سوچ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي. سندس ڪهاڻين جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته هن اخلاقي قدرن کي مقامي سماجي ماحول، عام انساني تجربن ۽ سادي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهچايو. ڪهاڻي مجموعي "من جا مڻيا" (1927ع) کي منوهر داس جي اخلاقي ۽ اصلاحي ادب جي اهم ڪڙي قرار ڏئي

سگهجي ٿو. هن مجموعي ۾ انساني اندر جي سچائي، ضمير جي آواز ۽ اخلاقي قدرن کي بنيادي اهميت حاصل آهي. هي مجموعو ٻارن ۽ نوجوانن جي ڪردار سازيءَ واري ادب سان ڳنڍيل نظر اچي ٿو. ٻئي مجموعي"اخلاقي ڪهاڻيون" (1940ع) ۾ پڻ اخلاق، سچائي، ايمانداري، همدردي ۽ سماجي ذميواريءَ جهڙا موضوع نمايان آهن. "ملهائتا موتي" مجموعي ۾ انساني زندگيءَ جي قدر ۽ اخلاقي دانائيءَ کي مختلف واقعن، حڪايتن ۽ اقوال جي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي روايت نظر اچي ٿي. منوهر داس جي ٻين ڪهاڻين ۾ "سورنهن آنا سچو انسان"، "ڪشاده دلي ۽ قرباني"، "سوني ٿالي" ۽ "ڏينهن ۽ رات" سندس افسانہ نگاريءَ جي مختلف پاسن کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن. انهن ڪهاڻين ۾ اخلاقي فڪر، سماجي شعور، انساني قدر ۽ طنزيہ انداز مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿين ٿا. "سورنهن آنا سچو انسان" ڪهاڻيءَ ۾ سچائي ۽ اصول پسنديءَ کي بنيادي انساني قدر طور پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي فڪري نقطو اهو آهي تہ حالتن جي دٻاءَ، نقصان يا ذاتي مفاد جي باوجود سچ جو ساٿ نہ ڇڏڻ ئي حقيقي انسانيت آهي. اهڙيءَ ريت ڪهاڻيءَ ۾ انسان جي ڪردار کي سندس عقيدي، طبقي يا حيثيت بدران اخلاقي عملن جي بنياد تي پرکڻ جو رجحان نظر اچي ٿو. "ڪشاده دلي ۽ قرباني" ۾ ايثار، همدردي ۽ قربانيءَ کي انساني ڪردار جون اهم خوبيون قرار ڏنو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جو فڪري مرڪز ذاتي مفاد کان مٿانهون ٿي ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. "سوني ٿالي" ۾ مادي دولت ۽ اخلاقي قدرن جي وچ ۾ تقابلي صورت پيدا ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ جو اخلاقي نتيجو اهو تصور مضبوط ڪري ٿو تہ انسان جي حقيقي قدر جو تعين سندس دولت سان نہ، پر سندس ڪردار سان ٿيڻ گهرجي. منوهر داس جي فني ڪوشش ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿي تہ ساهتي پرڳڻي جي ڪهاڻيڪار وٽ سماجي مشاهدي ۽ علامتي اظهار جا ابتدائي رجحان پڻ موجود هئا. منوهر داس ڪيترين ئي ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيا. سندس ترجمي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻين ۽ ٻين ديسي ٻولين جي ادب مان پڻ مواد سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيو. ترجمي وسيلي مختلف سماجن جي اخلاقي ۽ انساني تجربن کي سنڌي پڙهندڙن تائين پهچائڻ سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي دائري ۾ وسعت پيدا ٿي. منوهر داس جي ڪهاڻين ۾ سندس ٻولي نسبتاً سادي، عام فهم ۽ واقعي کي اڳتي وڌائيندڙ آهي، جنهن ڪري سندس ڪهاڻيون ٻارن ۽ عام پڙهندڙن ٻنهي لاءِ قابلِ فهم بڻجن ٿيون. ان لحاظ کان منوهر داس کي ساهتي پرڳڻي جي ان ادبي روايت جو نمائندو قرار ڏئي سگهجي ٿو، جنهن سنڌي نثر کي سماجي تربيت، اخلاقي سڌاري ۽ انساني قدرن جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو. سندس ڪتاب "ساهتڪ پشپ" (1960ع) ۽ "ناري نروڳ جيون" (1923ع) عورتن ۽ ڪنيائن جي صحت ۽ زندگيءَ بابت رهنمائيءَ سان لاڳاپيل ڪتاب طور اهميت رکي ٿو. ان کان علاوه منوهر داس سنڌي ٻوليءَ ۾ قديم طب ۽ آيرويد بابت پڻ لکيو. منوهر داس جي ادبي خدمتن جو هڪ اهم پاسو پنهنجي والد ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي جي ادبي ورثي کي محفوظ ڪرڻ سان لاڳاپيل آهي.

## پارومل ڪيولراماڻي

سنڌي افسانوي ادب ۾ ساهتي پرڳڻي جي ضلعي نوشهرو فيروز سان تعلق رکندڙ پارومل ڪيولراماڻي هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. هن "رتن ساهتيہ منڊل" پبليڪيشن تحت نہ صرف سنڌي ادب جي اشاعتي خدمت ڪئي، پر عالمي توڙي هندوستاني ٻولين جي معياري ادب کي سنڌي روپ ڏئي ڪهاڻيءَ جي دائري کي وسعت ڏني. هن شرت مالها (1938ع) مشهور بنگالي اديب شرت چندر چٽرجي جي شاهڪار ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو ڪيو. هن مجموعي ۾ سماجي ۽ نفسياتي موضوعن تي ٻڌل چار ڪهاڻيون شامل آهن، جن ۾ "زهر مان امرت"، "مقدمي جو نتيجو"، "اندوستي" ۽ "مندر" آهن. انسان جا دشمن ۽ ٻيون آکاڻيون (1934ع) مجموعي ۾ عالمي ڪهاڻين جا ترجما ۽ هڪ طبع زاد (اصلوڪي) ڪهاڻي شامل آهي، جيڪي ان دور جي سماجي تبديلين جي عڪاسي ڪن ٿيون، جن ۾ "پڇاڙيءَ جو جوڀن" (او هينري جي ڪهاڻيءَ تان ڪنيل)، "نئين سڙڪ" (پرل ايس بڪ تان ترجمو)،"انسان جا دشمن" (پرل ايس بڪ تان ترجمو)، "ماڪڙ" (راج تن تان ورتل)، "جيون جو هڪ چٽر" (پارومل جي پنهنجي اصلوڪي ڪهاڻي) وغيره. سورنهن سينگار (1934ع) مجموعي ۾ برصغير جي نامور افسانہ نگارن جي ڪهاڻين کي سنڌي قالب ۾ اوتيو ويو آهي، جنهن ۾ هينيون ڪهاڻيون نمايان آهن: "حقيقت" (سدرشن جي ڪهاڻي)، "شمشان" (اختر حسين رائيپوري جي ڪهاڻي)، "وه جي وٺي" (اپندر ناٿ اشڪ جي ڪهاڻي) پارومل ڪيولراماڻي او هينري، پرل بڪ، شرت چندر ۽ اپندر ناٿ اشڪ جهڙن وڏن اديبن جي ڪهاڻين کي سنڌي ٻوليءَ جو لباس پارايو. ان جو وڏو سبب اهو هو تہ اهي ڪهاڻيون رڳو ٻاهريون ڪهاڻيون نہ هيون، پر انهن جا موضوع (جهڙوڪ: غربت، طبقاتي تفاوت، پورهيتن جا مسئلا، ۽ عورتن جي مظلوميت) سنڌ ۽ خاص ڪري ساهتي پرڳڻي جي سماجي حالتن سان هڪجهڙائي رکندا هئا. هن ترجمن ذريعي سنڌي پاٺڪن ۾ هڪ نئون ثقافتي ۽ فڪري شعور پيدا ڪيو. پرل بڪ جي ڪهاڻين تان ترجمو ٿيل افسانا جهڙوڪ "انسان جا دشمن" ۽ "نئين سڙڪ" سڌي ريت

سماجي تبديليءَ ۽ صنعتي اثرن جي عڪاسي ڪن ٿا. ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ جڏهن سرمائيداري نظام پير پساري رهيو هو، تڏهن غريب پورهيت ڪيئن ٻه اڌ ٿي رهيو هو، اهو موضوع هنن ڪهاڻين ۾ نمايان آهي. اپندر ناٿ اشڪ ۽ اختر حسين رائيپوري جي ڪهاڻين جا ترجما سماج جي مدي خارج رسمن، مذهبي منافقت، ۽ انساني بي حسيءَ تي سخت وار ڪن ٿا. ”وھ جي وٿي“ سماجي ناانصافيءَ ۽ انساني جبر جو هڪ تلخ چٽر پيش ڪري ٿي، جيڪو ساهتي پرڳڻي سميت سڄي سنڌ جي جاگيرداڻي ۽ نيم سرمائيداري سماج جو وڏو مسئلو هو. سنڌس اصلوڪي ڪهاڻي مجموعي ”جيون جو هڪ چٽر“ ۽ ساهتيءَ جو رنگ ۾ پارومل جي پنهنجي تخليق ڪيل ڪهاڻي ”جيون جو هڪ چٽر“ تحقيق جي حوالي سان سڀ کان وڏيڪ اهم آهي. هيءَ ڪهاڻي ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي وچولي طبقي جي گهرو زندگي، ساهتي پرڳڻي جي مقامي ثقافت، اخلاقي قدرن، ۽ سماجي گهٽ ٻوسٽ جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. ورهاڱي کان اڳ ساهتي پرڳڻي ۾ پارومل ڪيولراماڻي هڪ اهڙو روشن خيال اديب هو، جنهن عالمي ادب جي ترجمن ۽ پنهنجي تخليقن ذريعي سنڌي ڪهاڻيءَ کي روايتي رومانوي قصن مان ڪڍي، حقيقت پسندي، سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور جي جديد رستن تي گامزن ڪيو.

خوشيرام واسواڻي (1911ع - 2002ع)

خوشيرام واسواڻي ورهاڱي کان اڳ ڪهاڻي نويسيءَ کي پنهنجي دور جي سماجي، سياسي ۽ انساني مسئلن جي اظهار جو ذريعو بڻايو. دستياب ادبي ماخذن ۾ ڪيس سنڌي ادب جي ليکڪ ۽ سرپرست طور ياد ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ پڻ سندس شمار ورهاڱي کان اڳ جي اهم ڊراما نويسن ۾ ٿئي ٿو. خوشيرام واسواڻيءَ جي ادبي شخصيت جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته سندس تخليقي لاڙو سماج جي مسئلن ڏانهن متوجه نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻي ”سچو ڏوهي ڪير؟“ هن حوالي سان خاص اهميت رکي ٿي. ڪهاڻيءَ جو بنيادي سوال فرد جي ڏوھ کان اڳتي وڌي سماج جي ذميواريءَ تائين پهچي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي اهميت ان ڳالھ ۾ آهي ته ان ۾ ”ڏوهاري“ جي تصور کي هڪ نئين سماجي زاويي سان ڏٺو وڃي ٿو. خوشيرام واسواڻيءَ جي ”اڌوري ڪهاڻي“ به سياسي شعور جي حوالي سان اهميت رکي ٿي.”اڌوري ڪهاڻي“ کي ورهاڱي کان اڳ واري سياسي فضا جي پسمنظر ۾ پڙهڻ سان ڪهاڻيڪار جي سياسي حساسيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان دور ۾ سنڌي ادب ۾ قومي شعور، آزاديءَ جي تحريڪ، سماجي سڌارن ۽ سياسي تبديليءَ جا سوال آهستي آهستي ادبي اظهار جو حصو بڻجي رهيا هئا. اُن لحاظ کان خوشيرام واسواڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ به بنيادي شعوري سطحون نمايان ٿين ٿيون: پهرين، سماجي ناانصافي ۽ فرد جي مسئلن بابت احساس؛ ۽ ٻي، سياسي حالتن ۽ اجتماعي زندگيءَ بابت شعور. خوشيرام واسواڻيءَ کي صرف هڪ ڪهاڻيڪار يا ناٽڪ نويس طور ڏسڻ بدران ورهاڱي کان اڳ سنڌي نثر ۾ سماجي سوالن، اخلاقي ذميواري ۽ سياسي شعور کي افسانوي اظهار ڏيڻ واري ليکڪ طور ڏسڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

## امر لعل هنڱوراڻي

ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقائي تاريخ ۾ امر لعل هنڱوراڻيءَ جو نالو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي انهن بنياد وجهندڙ ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو، جن ڪهاڻيءَ کي محض قصي، واقعي يا تفريحي ادب جي دائري مان ڪڍي سماجي حقيقتن، انساني نفسيات ۽ معاشرتي مسئلن جي اظهار جو وسيلو بڻايو. سندس ڪهاڻين ۾ پنهنجي دور جي سماجي ڍانچي، طبقاتي فرق، قانوني ۽ عدالتي نظام، مذهبي رواداري، انساني قدرن، سماجي منافقت ۽ اخلاقي تضادن جا عڪس نمايان ملن ٿا. امر لعل ولد وسڻ مل هنڱوراڻي ڪاهي راهو، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو. ورهاڱي کان اڳ سندس ڪهاڻيون ’ڦلواڙي‘، ’ساقي‘، ’مهراڻ‘، ’آشا‘ ۽ ’سنڌو‘ جهڙن رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون. سندس مشهور ڪهاڻي ’اڌو عبدالرحمان‘ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سندس فني حيثيت جو سڀ کان نمايان مثال آهي. هيءَ ڪهاڻي پنهنجي ڪردار نگاري، مڪالمي، سماجي طنز ۽ حقيقت پسندانه انداز سبب سنڌي افسانوي ادب ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿي. ان جي اهميت جو اندازو ان ڳالھ مان پڻ ٿئي ٿو ته اها مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ به ’اڌو عبدالرحمان‘ کي عالمي معيار جي ڪهاڻي قرار ڏيندي سندس ڪهاڻين جي مجموعي بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، جنهن ۾ ’اڌو عبدالرحمان‘ سان گڏ ٻيون 11 ڪهاڻيون پڻ شامل آهن. ’اڌو عبدالرحمان‘ جي فني ڪاميابيءَ جو هڪ وڏو سبب ان جو مرڪزي ڪردار آهي. عبدالرحمان روايتي معنيٰ ۾ رڳو هڪ ’مست‘ شخص نه آهي، پر سندس مستيءَ جي اندر هڪ گهري سماجي بصيرت موجود آهي. هو اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، جيڪي بظاهر غير منطقي يا مزاحيه محسوس ٿين ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي سماجي ۽ عدالتي نظام جي مصنوعي منطق تي سوال اٿارين ٿيون. اهڙيءَ ريت ڪهاڻيڪار هڪ غير روايتي ڪردار کي سماجي تنقيد جو ذريعو بڻائي ٿو. ڊاڪٽر ڄينو لعلواڻيءَ جي تنقيدي راءِ

موجب ’ادو عبدالرحمان‘ ۾ ڪردار نگاري خاص طور قابل ذڪر آهي. ڪهاڻيءَ ۾ عدالت جو ماحول ۽ عبدالرحمان جي صاف گوئي گڏجي اهڙو تاثر پيدا ڪن ٿا، جنهن سان قانوني نظام جي رسميت ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي وچ ۾ موجود فاصلو نمايان ٿئي ٿو.

عبدالرحمان جو پاڻ سان گفتگو ڪرڻ، پاڻ کي ’ادو عبدالرحمان‘ چئي مخاطب ٿيڻ ۽ سرشتيدار يا مئجسٽريٽ جي سوالن جا غير روايتي جواب ڏيڻ رڳو مزاح پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيل فني طريقا ناهن؛ اهي ڪردار جي ذريعي سماجي نظام جي اندروني تضادن کي ظاهر ڪن ٿا. عبدالرحمان جي خود ڪلامي هڪ قسم جي فڪري مزاحمت بڻجي وڃي ٿي، جنهن وسيلي هو طاقتور ڌر جي مقرر ڪيل ٻولي ۽ سماجي معيارن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. اي. جي. اتم ’ادو عبدالرحمان‘ کي اهڙي ڪهاڻي سمجهي ٿو، جنهن ۾ حقيقت، جدت ۽ عالمگير انساني احساسن جو فني ميلاپ موجود آهي. اتم جي راءِ جو بنيادي نڪتو اهو آهي ته ڪهاڻي پنهنجي دور جي سماجي مسئلن کي اهڙي فني انداز سان پيش ڪري ٿي، جو وقت گذرڻ باوجود ان جي معنوي اهميت ختم نٿي ٿئي. اتم جي تنقيدي نقطه نظر مان ڏنو وڃي ته:

> ”’ادو عبدالرحمان‘ جي اهميت رڳو ان جي پلاٽ يا ڪردار ۾ نه، پر ان سماجي حقيقت جي فني اظهار ۾ آهي، جنهن ۾ ناانصافي، بهروپ، پاکنڊ ۽ ڏاڍ سماج جو حصو بڻيل آهن. امر لعل انهن مسئلن کي سڌي تقرير بدران طنزيه ڪردار ۽ صورتحال ذريعي پيش ڪري ٿو. انهيءَ فني طريقي سبب ڪهاڻي سماجي احتجاج جي بجاءِ ادبي ۽ جمالياتي تجربو بڻجي وڃي ٿي.“ (19)

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ پڻ هن ڪردار جي اهڙي ئي نوعيت تي زور ڏنو آهي. هتي امر لعل هنگوراڻيءَ جي هڪ اهم خصوصيت سامهون اچي ٿي:

> ”هو سماج جي خلاف احتجاج ڪندڙ ڪردار ڪي مڪمل طور ’هيرو‘ بڻائڻ بدران ان کي اهڙي صورت ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ مزاح، سادگي، خود ڪلامي ۽ فڪري گهراوت گڏجي وڃن ٿا. اُنهيءَ سبب عبدالرحمان جو ڪردار پڙهندڙ جي ذهن تي ڊگهو اثر ڇڏي ٿو.“ (20)

امر لعل هنگوراڻيءَ جي ٻي اهم ڪهاڻي ’هيءَ رانجهو سندي رمز‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو تعلق موپاسان جي **Moon light** سان آهي، جنهن کي سنڌي ماحول ۽ ثقافتي پسمنظر سان هم آهنگ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي اهميت ان لحاظ کان آهي ته هتي ڪهاڻيڪار وقت سان ايندڙ تبديليءَ کي قبول ڪرڻ واري فڪر کي موضوع بڻائي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سڌيءَ طرح ساهتي پرڳڻي جي سماجي تبديليءَ سان ڳنڍي سگهجي ٿي. سنڌس هڪ ٻي ڪهاڻي’رام ۽ رحيم‘ ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي مقابلي ۾ انساني قدرن کي اهميت ڏني وئي آهي. امر لعل جي فڪر ۾ مذهب انسان کي ورهائڻ بدران اخلاقي ۽ انساني قدرن ڏانهن وٺي وڃڻ گهرجي. امر لعل هنگوراڻي انهن قدرن کي ادبي اظهار ڏئي، مذهبي فرق کان مٿانهين انساني سڃاڻپ کي اهميت ڏئي ٿو. امر لعل هنگوراڻيءَ جي تخليقي سرمايي ۾ ’گوليءَ جو گناهه‘، ’پائو‘، ’لکيو ڪين ٽريوم‘، ’ڏس ڏيوم ته ڪٿان ليندي‘ ۽ ’لالي‘ پڻ اهم حيثيت رکن ٿيون. انهن ڪهاڻين کي گڏيل طور ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌس ڪهاڻيءَ جو بنيادي مرڪز انسان ۽ سندس سماجي زندگي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ انساني رشتن، اخلاقي مسئلن، سماجي روين ۽ بدلجندڙ قدرن کي مختلف فني طريقن سان پيش ڪيو ويو آهي. هن جو مقصد سماج جي هر پهلوءَ کي مثالي صورت ۾ پيش ڪرڻ نه، پر ان جي اندر موجود تضادن کي ظاهر ڪرڻ آهي. اُنهيءَ لحاظ کان سندس ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري صرف واقعي جي سچائي نه، پر سماجي حقيقت جي تنقيدي سڃاڻپ بڻجي وڃي ٿي. امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻين جي فني اهميت جو هڪ وڏو سبب سندس ٻولي ۽ اسلوب آهي. سندس عبارت ۾ سنڌي محاوري جي رواني ۽ شاهه جي فڪري ۽ لساني روايت سان لاڳاپيل رنگ محسوس ٿئي ٿو. هو ڪردارن کي سندن سماجي حيثيت ۽ ماحول مطابق ڳالهائڻ جو موقعو ڏئي ٿو، جنهن سان مڪالمو فطري ۽ جاندار بڻجي وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ خود ڪلامي، مڪالمو، طنز، مزاح، ڪردار نگاري ۽ نفسياتي اپياس اهم فني وسيلا آهن. امر لعل هنگوراڻيءَ جي ادبي سفر ۾ رسالن جو ڪردار پڻ اهم رهيو. سندس ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ 1930ع ۾ سندس رسالي ’قلواڙي‘ ۾ شايع ٿي. ’لالي‘ 1946ع ۾ رسالي ’سنڌو‘ ۾ ڇپي. ان کانسواءِ ’رام ۽ رحيم‘، ’گوليءَ جو گناهه‘ ۽ ’پائوءَ جي آزار دل‘ سندس جاري ڪيل رسالي ’ساقي‘ جي 1947ع وارن پرچن ۾ شايع ٿيون. 1932ع ۾ جڏهن ماهوار ’سنڌو‘ شڪارپور مان نڪتو ته امر لعل هنگوراڻيءَ ان ۾ پڻ لکڻ شروع ڪيو. ان ذريعي سندس ڪيترين ڪهاڻين ۽ مضمون پڙهندڙن تائين پهتا،

جن ۾ ’هيءَ بہ رانجهوءَ سندي رمز‘، ’ڏس ڏيوم تہ ڪٿان ليندي‘، ’لالي‘، ’رام ۽ رحيم‘، ’گوليءَ جو گناھ‘ ۽ ’لڪيو ڪين ٽريو‘ شامل آهن. اڳتي هلي امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ’ادو عبدالرحمان‘ جي نالي سان 1981ع ۾ پارت ۾ شايع ٿيو، جڏهن تہ ان جو ٻيو ڇاپو 1985ع ۾ نيو فيلڊس حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو. مجموعي ۾ ڪل 11 ڪهاڻيون شامل آهن.

## ليکو تلسياڻي

ليکو تلسياڻيءَ جو اصل نالو ليکراج ولد چينمل نند تلسياڻي هو. سندس جنم 4 آگسٽ 1919ع تي دربيلي، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. سنڌي افسانوي ادب جي ارتقا واري دور ۾ سندس شمار انهن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن ورهاڱي کان اڳ ئي پنهنجي تخليقي صلاحيتن وسيلي ادبي سڃاڻپ پيدا ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن هو هندستان منتقل ٿيو، تڏهن بہ سندس ادبي سرگرمين جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو. هن اصلوڪين ڪهاڻين سان گڏ ٻين ٻولين جي ڪهاڻين جا ترجما پڻ سنڌيءَ ۾ ڪيا ۽ اهڙيءَ ريت سنڌي افسانوي ادب جي دائري کي وسيع ڪرڻ ۾ حصو ورتو. سندس شروعاتي دور جي اهم ڪهاڻين مان ”يتيم“ قابلِ ذڪر آهي، جيڪا 1943ع ۾ شايع ٿي. ان کان پوءِ ”منجري ڪولهڻ“ سندس اهم ۽ مقبول ڪهاڻين مان شمار ٿيڻ لڳي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي ڪردار، سندس نفسياتي ڪيفيتن ۽ سماجي حيثيت کي نمايان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، ليکو تلسياڻيءَ جي هن ڪهاڻيءَ جي اهميت کي واضح ڪندي لکي ٿي:

”ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي ”منجري ڪولهڻ“ پڻ عورت جي ڪردار جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ پنهنجي منفرد اسلوب جي ڪري اها ان دور جي بهترين ڪهاڻي آهي.“ (21)

ڪهاڻي ”منجري ڪولهڻ“ محض هڪ عورت جي ڪردار تي ٻڌل ڪهاڻي نہ، پر پنهنجي دور جي عورت جي سماجي حيثيت ۽ نفسياتي دنيا کي تخليقي انداز سان پيش ڪندڙ ڪهاڻي آهي. ليکو تلسياڻيءَ جو امتيازي پهلو اهو آهي تہ هن عورت کي رڳو مظلوم ڪردار طور پيش ڪرڻ بدران سندس اندروني احساسن، خودداري ۽ اظهار جي قوت کي بہ اهميت ڏني. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي پڻ ”منجري ڪولهڻ“ جي فني خصوصيتن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي لکي ٿو:

”ڪهاڻي "منجري ڪولهڻ" ۾ هڪ ساده فطرت ڇوڪريءَ جو بي خوف اظهار ڪيل آهي، جنهن جي اسلوب ۾ ڪو بہ تصنع يا آوارد ناهي، ڪنهن بہ بناوٽ بدران ساده بياني ان جو حسن آهي.“ (22)

ليکو تلسياڻيءَ جي فني ڪاميابيءَ جو هڪ اهم سبب سندس سادو، فطري ۽ بي تڪلف بيان آهي. هو ڪردار کي مصنوعي انداز ۾ پيش ڪرڻ بدران ان جي فطري نفسيات ۽ روزمره جي احساسن کي سڌيءَ طرح اظهارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ليکو تلسياڻيءَ جي ٻين ڪهاڻين ۾ "آزاد محبت" پڻ اهم حيثيت رکي ٿي. هيءَ ڪهاڻي احمد عباس جي هڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو آهي، پر مترجم جي فني مهارت سبب اها ترجمو ٿيل تخليق محسوس ٿيڻ بدران اصلوڪي ڪهاڻيءَ جو تاثر پيدا ڪري ٿي. ليکو تلسياڻيءَ جي افسانوي ادب ۾ ”پاڙيسرڻ“ ۽ ”سونا“ پڻ نمايان ڪهاڻيون آهن. ڪيرت ٻاٻاڻي انهن ٻنهي ڪهاڻين جي فني ۽ موضوعاتي اهميت کي بيان ڪندي لکي ٿو:

”ليکي تلسياڻي جي ٻن ڪهاڻين ”پاڙيسرڻ“ ۽ ”سونا“ مان پهرين ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻالڪا جي امنگن جو درد پريل چٽر آهي، جنهن کان ماءُ پيءُ جو احساس طاري ٻڌجي ڪائنس ”جهر بهر“ نير وهائي ٿو. ٻي ”سونا“ ڪهاڻي تہ ان وقت جي چند اعلي ڪهاڻين ۾ شمار ڪرڻ جهڙي آهي ۽ ليکو تلسياڻي جي ”منجري ڪولهڻ“ جون سڪون لاهي ٿي. ”سونا“ هڪ ڀنگياڻي آهي، پر حسين آهي، بيباڪ آهي ۽ سؤمان واري آهي. هوءَ انوکو ڪردار آهي. سندس پتي شرابي آهي، ڪيس ماري ٿو. سندس ڪمائي دف ڪري ٿو ۽ ڪيس ذليل ڪري ٿو، عورت جي غيرت پڙڪو کائي ٿي ۽ سونا اهڙي انياءُ کي الوداع ڪري اڪيلي پر سؤمان واري زندگي قبول ڪري ٿي.“(23)

ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻين جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس افسانوي ادب ۾ سماج جي مختلف طبقن، خاص طور عورتن، ٻارن ۽ محروم ڪردارن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلن کي خاص اهميت حاصل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ انساني جذبن سان گڏ سماجي اڻبرابري، گهريلو ناانصافي، عزتِ نفس، محبت ۽ سماجي قدرن جي ڇڪتاڻ جهڙا موضوع پڻ نظر اچن ٿا. اهوئي پهلو کيس پنهنجي دور جي سماجي شعور رکندڙ ڪهاڻيڪارن جي قطار ۾ بيهاري ٿو. ورهاڱي کان پوءِ بہ ليکو

تلسياڻيءَ جي تخليقي سرگرمي جاري رهي. 1956ع ۾ سندس ڪهاڻي ”خاموش آنسو“ شايع ٿي، جيڪا موضوع ۽ فني پيشڪش جي حوالي سان پڻ اهميت رکي ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ هڪ طرف ورهاڱي کان اڳ واري سنڌي سماج جون سماجي حقيقتون ۽ روايتي قدر نظر اچن ٿا، ته ٻئي طرف عورت جي خودشناسي، عزتِ نفس، محبت، سماجي جبر ۽ انساني آزاديءَ جا مسئلا پڻ نمايان ٿين ٿا. ”منجري ڪولهڻ“ ۽ ”سونا“ جهڙيون ڪهاڻيون خاص طور تي عورت جي ڪردار کي سماجي شعور جي تناظر ۾ پيش ڪن ٿيون. ليکو تلسياڻيءَ جي افسانوي دنيا جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته سندس ڪهاڻين ۾ عام ۽ محروم طبقي سان تعلق رکندڙ ڪردار مرڪز ۾ اچن ٿا. اهڙن ڪردارن وسيلي هو سماج جي انهن پاسن کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪي عام طور نظرانداز ٿيندا رهيا آهن. سندس سادو ۽ فطري اسلوب، ڪردارن جي نفسياتي پيشڪش ۽ سماجي مسئلن سان وابستگي سندس ڪهاڻين کي ادبي ۽ سماجي ٻنهي حوالن کان اهم بڻائي ٿي. ان ڪري ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور جي مطالعي دوران ليکو تلسياڻيءَ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

## ايم. آر. مائيداساڻي

ڊاڪٽر ايم. آر. مائيداساڻيءَ جو نالو اهم ڪهاڻيڪارن، مترجمن، صحافين ۽ ادب جي گهڻ پاسائين خادمن طور سامهون اچي ٿو. سندس اصل نالو ميلهومل ولد رنگومل مائيداساڻي آهي. هن 13 آڪٽوبر 1911ع تي ڳوٺ ابجي ضلعي نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو. سندس ادبي سرگرمين جو آغاز شاگرديءَ واري زماني کان ٿيو ۽ اڳتي هلي صحافت، ترجمي، طباعت، اشاعت ۽ تخليقي ادب تائين پکڙجي ويو. اهڙيءَ ريت سندس ادبي شخصيت رڳو ڪهاڻيڪار تائين محدود نه رهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري سان لاڳاپيل ڪيترن ئي شعبن ۾ نظر اچي ٿي. مائيداساڻيءَ جي ادبي خدمتن جو هڪ اهم پاسو ڪهاڻيڪاري آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ان وقت جي سماجي حالتن، طبقاتي فرق، غربت، بک، عام ماڻهوءَ جي مسئلن ۽ انساني نفسيات جا مختلف پهلو نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻيڪاريءَ تي ترقي پسند فڪر جو اثر پڻ نمايان آهي. اهو دور سياسي ۽ سماجي بيداريءَ جو دور هو: آزاديءَ جي تحريڪ، معاشي اڻبرابري، طبقاتي تضاد ۽ عام ماڻهن جي حقن بابت بحث وڌي رهيا هئا. اهڙي ماحول جو اثر سنڌي ادب تي پڻ پيو ۽ مائيداساڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ان جو عڪس ڏسي سگهجي ٿو. سندس ڪهاڻي ”فقير“ 1936ع ۾ شايع ٿي، جڏهن ته ”بک“ 1945ع ۾ منظرعام تي آئي. انهن ڪهاڻين جي حوالي سان سندس فڪري لاڙي جو جائزو وٺندي محسوس ٿئي ٿو ته ليکڪ سماج جي محروم طبقي ۽ عام انسان جي بنيادي مسئلن کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو. خاص طور تي ”بک“ جهڙو موضوع ان دور جي معاشي ۽ سماجي اڻبرابريءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. مائيداسائيءَ جي ڪهاڻيڪاريءَ جو ٻيو اهم پاسو انساني نفسيات آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ڪردار محض واقعاتي حيثيت سان موجود نه آهن، پر انهن جي سوچ، روين، خواهشن، ڪمزورين ۽ سماجي مجبورين کي پڻ جاءِ ڏني وئي آهي. اهڙيءَ ريت سندس ڪهاڻي سماج جي ٻاهرين منظرنامي سان گڏ انسان جي اندروني ڪيفيتن کي به پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ”دل جي تڙق“ ان سلسلي ۾ هڪ اثرائتي ڪهاڻي طور ذڪر لائق آهي، جنهن جي عنوان مان ئي انساني جذبات، اندروني بيچيني ۽ نفسياتي ڪيفيتن ڏانهن اشارو ملي ٿو. ساڳيءَ طرح ”به ديوانا“ ۾ سماجي صورتحال سان گڏ طنزيه انداز به نظر اچي ٿو. مائيداساڻيءَ وٽ طنز محض کل يوڳ پيدا ڪرڻ جو ذريعو نه، پر سماج جي تضادن کي ظاهر ڪرڻ جو فني وسيلو بڻجي ٿو. هو عام زندگيءَ جي واقعن، ماڻهن جي عادتن ۽ سماجي روين مان اهڙا پهلو چونڊي ٿو، جن وسيلي سماج جي ڪمزورين تي تنقيدي نظر وجهي سگهجي ٿي. سندس ڪهاڻي ”ماڪوڙيءَ جي ڪهاڻي“ ۾ به طنز ۽ مزاح سان گڏ سماجي تنقيد جو عنصر موجود آهي. ڪهاڻيءَ ۾ حجام ڪريمو ۽ سيٺ پنجومل جي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو بظاهر هڪ عام روزمره جو واقعو آهي، پر ان جي اندر سماجي ۽ عدالتي نظام بابت طنزيه اشارا موجود آهن. ڪريمو جڏهن ماڪوڙيءَ جي ڪيس ۽ جج طرفان ڏنل سزا جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن عام گفتگوءَ اندر هڪ اهڙو طنزيه تضاد پيدا ٿئي ٿو، جيڪو پڙهندڙ کي سماج جي انصاف واري تصور تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو.

مائيداساڻيءَ جي ادبي خدمتن جو هڪ نمايان پاسو ترجمو آهي. هن مختلف ٻولين مان ڪهاڻيون، ناول ۽ ٻيو ادبي مواد سنڌيءَ ۾ منتقل ڪيو. سندس ”بکايل“ (1945ع) سماجي ڪهاڻين جو ترجمو ڪيل مجموعي طور ذڪر ڪيو ويو آهي. ترجمي وسيلي هن سنڌي پڙهندڙن کي ٻين ٻولين جي ادب، سماجي مسئلن ۽ فڪري رجحانن سان روشناس ڪرايو. مائيداساڻيءَ جڏهن ٻين ٻولين جون سماجي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ آنديون، تڏهن سنڌي پڙهندڙن لاءِ نون موضوعن، ڪردارن ۽ سماجي تجربن جا دروازا کوليا. ان لحاظ کان سندس ترجمي واريون خدمتون سنڌي نثري ادب ۾ ثقافتي شعور جي واڌاري سان پڻ لاڳاپيل آهن. سندس ڪتابن ۾ ”خوشبوءِ“ (1944ع) ۽ ٻيا ترجمو ڪيل مجموعا پڻ شامل آهن. ساڳيءَ ريت ٻارن جي ادب ڏانهن به سندس ڌيان رهيو.

"ٻچي رمضان“ (1946ع) انگريزي ڪهاڻين جي ترجمي سان لاڳاپيل مجموعي طور ذڪر ٿيل آهي. مائيداساڻيءَ جي شخصيت جو هڪ اهم پاسو سندس صحافتي سرگرميون آهن. دستياب مواد موجب هن 1936ع ۾ ”حيدرآباد گزيٽ“ سان سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. ان ڪان پوءِ مختلف اخبارن ۽ رسالن سان سندس وابستگي رهي. 1937ع ۾ حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ ”دبلي گزيٽ“ جي ايڊيٽري ۽ 1938ع ۾ ڪراچيءَ مان ”سنسار پترڪ“ جي اشاعت سندس صحافتي سرگرمين جو حصو رهي. ان ڪان پوءِ هفتيوار "هندوستان“ ۽ ٻين اشاعتي ادارن سان پڻ سندس تعلق رهيو. 1943ع ۾ حيدرآباد مان "ڪهاڻي رسالو“ جاري ڪرڻ سندس ادبي خدمتن ۾ خاص اهميت رکي ٿو. هي رسالو 1947ع تائين جاري رهيو. سندس نالي سان لاڳاپيل ڪتابن ۾ "ڪانگريس گولڊن جوبلي بڪ“ (1935ع)، ”بغاوت“ (ناول ترجمو) (1943ع)،”ماتا ڪستوربا“ (1943ع)، ”سچ پچا“ (ناول، 1944ع)، ”ارملا“ (ترجمو ناول، 1945ع)، ”بڪايل“ (ترجمو ڪهاڻيون، 1945ع)، ”خوشبوءِ“ (ترجمو ڪهاڻيون، 1944ع)، ”مائيداسائيءَ جون آڪاڻيون“ (1945ع)، ”ڪلينگڊر مهراج“ (سوانح، 1945ع)، ”سوامي ديانند“ (1945ع)، ”نندي پڳ“ (ترجمو ناول، 1945ع)، ”تنباجي“ (1946ع)، ”راجستان“ (ترجمو ناٽڪ، 1945ع)، ”ٻچي رمضان“ (ترجمو ڪهاڻيون، 1946ع)، ”ست سورما“ (1946ع) ۽ ”مظلوم سنڌ“ (سياسي تاريخ، 1947ع) شامل آهن. هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مائيداساڻيءَ جي ادبي دلچسپي هڪ ئي صنف تائين محدود نه هئي. ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ، سوانح، سياسي تاريخ ۽ ترجمي جي مختلف شعبن ۾ سندس ڪم موجود هو. مائيداساڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ غربت، بک، سماجي اڻبرابري، عام ماڻهوءَ جي نفسيات، سماجي تضادن ۽ انصاف جي تصور جهڙا موضوع نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻيءَ جو عام ڪردار سماج جي هيٺين ۽ وچين طبقن سان تعلق رکي ٿو ۽ سندس مسئلا به روزمره زندگيءَ جي حقيقتن مان جنم وٺن ٿا. ان سان گڏ، ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيل ادب سنڌيءَ ۾ آڻڻ سندس ثقافتي شعور جو ٻيو اهم پاسو آهي.

## حشو ڪيولراماڻي

حشو ڪيولراماڻي جو اصل نالو حشمت ولد ٺهلرام ڪيولراماڻي هو. سندس جنم 20 ڊسمبر 1914ع تي پرياستي، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. سندس والد ٺهلرام روينيو کاتي ۾ ملازم هو ۽ مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏيڻ ڪان پوءِ ٽنڊي آدم مان ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي عهدي تان رٽائر ٿيو. ترقي پسند ۽ جمهوري فڪر سان وابستگيءَ سبب هو فاشزم، سامراجيت ۽ سماجي ناانصافيءَ خلاف جدوجهد جو حامي رهيو. سياسي سرگرمين جي نتيجي ۾ ڪيس مختلف وقتن تي قيد پڻ ڪيو ويو. ورهاڱي ڪان پوءِ حشو ڪيولراماڻي جي سياسي ۽ قومي فڪر جو مرڪز سنڌ ۽ سنڌين جا حق رهيا. سائين جي. ايم. سيد سان سندس فڪري ۽ سياسي لاڳاپا رهيا ۽ ٻنهي وچ ۾ خط و ڪتابت پڻ ٿيندي رهي. اڳتي هلي سياسي حالتن سبب ڪيس سنڌ ڇڏڻي پئي ۽ هو هندستان منتقل ٿيو. هندستان ۾ پڻ سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي قوم جي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ سرگرم رهيو. حشو سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ صحافتي مضمون پڻ لکيا. سندس لکڻين ۾ سماجي اڻبرابري، سياسي جبر، انساني آزادي، قومي سڃاڻپ ۽ عام ماڻهوءَ جي مسئلن کي اهميت حاصل آهي. ورهاڱي ڪان پوءِ هن سنڌي هندن جي لڏپلاڻ، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال ۽ سنڌي قوم جي مسئلن بابت پڻ لکيو. سندس صحافتي لکڻين جو هڪ مجموعو **Pakistan Exrayed** جي نالي سان ترتيب ڏنو ويو. حشو ڪيولراماڻي جي ادبي خدمتن ۾ سنڌي ڪهاڻين جا انگريزي ترجما پڻ خاص اهميت رکن ٿا. هن سنڌي ڪهاڻين کي انگريزي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سان سنڌي افسانوي ادب جي موضوعن، سماجي مسئلن ۽ فني روايتن جو تعارف سنڌي ٻوليءَ کان ٻاهر به ٿيو. سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻين کي بعد ۾ **Sindhi Short Stories** جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو.

سنڌي ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي ارتقا ۾ حشو ڪيولراماڻي کي ابتدائي اهم ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ فرد جي ذاتي زندگيءَ سان گڏ سماج جون حالتون، سياسي ماحول، قومي مسئلا ۽ انساني مسئلا به ڪهاڻيءَ جو حصو بڻجن ٿا. حشو ڪيولراماڻي جون ”پدما“ (1945ع) ۽ ”هڪ ٻه ٽي“ (1945ع) اهم ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻين مان سندس افسانوي فڪر ۾ موجود سياسي، سماجي ۽ انساني شعور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ”پدما“ حشو ڪيولراماڻي جي اهم سياسي ڪهاڻين مان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪري پدما آزاديءَ واري تحريڪ جي ماحول ۾ سياسي نعرو هڻي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ سپاهيءَ جي تشدد جو نشانو بڻجي ٿي. ظاهري طور تي واقعو هڪ ننڍڙي ٻار سان ٿيل زيادتيءَ جو منظر آهي، پر فڪري سطح تي اهو منظر سامراجي جبر ۽ آزاديءَ جي جذبي جي ٽڪراءَ جي علامت بڻجي وڃي ٿو. ”هڪ ٻه ٽي“ (1945ع) حشو ڪيولراماڻي جي ٻي اهم ڪهاڻي آهي، جنهن جو پسمنظر ٻي مهاڀاري جنگ سان لاڳاپيل آهي. هن ڪهاڻيءَ مان حشوءَ جي ان فڪري روپي جو پتو پوي ٿو، جنهن تحت هو عالمي سياسي واقعن کي عام انسان جي زندگيءَ سان ڳنڍيي ڏسي ٿو. جنگ،

غربت، خوف، بي يقيني ۽ انساني زندگيءَ جي عدم تحفظ جهڙا مسئلا ڪهاڻيءَ جي فڪري پسمنظر ۾ اهم بڻجن ٿا. اهڙيءَ طرح ”هڪ ٻه ٽي“ ڪي سماجي حقيقت نگاريءَ جي ان رجحان سان ڳنڍي سگهجي ٿو، جنهن ۾ فرد جي زندگيءَ تي وڏن سياسي ۽ تاريخي واقعن جا اثر مرڪزي حيثيت رکن ٿا. حشو ڪيولراماڻي جي ڪهاڻين جو هڪ نمايان پاسو سماجي تبديليءَ جو احساس آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سماج ڪي جامد ۽ تبديل نه ٿيندڙ نظام طور پيش ڪرڻ بدران ان اندر موجود تضادن، ناانصافين ۽ تبديليءَ جي امڪانن ڪي محسوس ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت حشوءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تبديلي ڪنهن مجرد نظريي بدران انساني تجربن ۽ روزمره جي زندگيءَ سان جڙيل نظر اچي ٿي. حشو ڪيولراماڻي جي افسانوي فڪر جو ٻيو اهم پاسو قومي ۽ ثقافتي شعور آهي. سندس سياسي وابستگيءَ جو بنياد سنڌ، سنڌين ۽ انساني آزاديءَ جي سوالن سان جڙيل هو، تنهنڪري سندس ادب ۾ پڻ قومي سڃاڻپ ۽ اجتماعي شعور جا عنصر نظر اچن ٿا. ”پدما“ ۾ آزاديءَ جو نعرو ۽ سياسي جدوجهد جو ماحول ورهاڱي کان اڳ سندس ڪهاڻين ۾ آزاديءَ جي تحريڪ، سياسي جبر، جنگ ۽ عام انسان جي مسئلن جو اظهار نظر اچي ٿو. ان دور ۾ سندس افسانوي فڪر سامراج مخالف ۽ ترقي پسند شعور سان ڳنڍيل هو. ورهاڱي کان پوءِ سندس قومي ۽ ثقافتي شعور جو دائرو سنڌي ٻولي، سنڌي سڃاڻپ، سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ۽ سنڌ سان فڪري وابستگيءَ تائين وسيع ٿيو. هن سنڌ کان پري رهندي به سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان پنهنجو تعلق برقرار رکيو.

## آنند گولاڻي

آنند گولاڻيءَ جو پورو نالو آنند رامچند گولاڻي هو. سندس جنم ڀاڳو ديري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ هن ليکڪ سنڌي افسانوي ادب ۾ ان دور ۾ قدم رکيو، جڏهن سنڌ جي سماج ۾ سياسي بيداري، آزاديءَ جي تحريڪ، ترقي پسند فڪر ۽ نون سماجي قدرن جي تشڪيل جا لاڙا نمايان ٿي رهيا هئا. آنند گولاڻيءَ جي ڪهاڻيڪار طور ادبي سڃاڻپ ورهاڱي کان اڳ ئي قائم ٿي چڪي هئي. سندس لکڻين ۾ سماج جي عام انسان، ڳوناڻي زندگي، عورت جي مسئلن، محبت، شادي، سياسي شعور ۽ بدلجندڙ سماجي حالتن کي موضوع بڻائڻ جو رجحان نظر اچي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ آنند گولاڻي هندستان لڏي ويو، پر سندس ادبي تخليقن ۾ سنڌ سان وابستگي ۽ ماضيءَ جي ثقافتي يادگيرين جو رشتو برقرار رهيو. سندس ڪهاڻين جا مجموعا پوءِ شايع ٿيا، جن ۾ ”راڏا سدن“ (چار ڪهاڻيون، 1954ع) ۽ ”راڻيون“ (1971ع) اهم آهن. سندس ڪهاڻيءَ جي فني ۽ موضوعاتي خاصيتن بابت ڊاڪٽر جڳديش لچاڻيءَ جو خيال آهي ته:

> ”آنند گولاڻيءَ جو ڪهاڻيڪارانه شعور ورهاڱي کان اڳ ئي پختو ٿي چڪو هو ۽ هو پنهنجي چوڌاري موجود زندگيءَ مان ڪهاڻيءَ جا موضوع حاصل ڪندو هو. هن جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي مختلف مسئلن کي نفيس مزاح ذريعي پيش ڪرڻ سان گڏ سنڌيت جو احساس پڻ نمايان آهي.“ (24)

آنند گولاڻيءَ جي ڪهاڻيڪاريءَ جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته سندس ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلا محض نظرياتي بحث طور پيش نٿا ٿين، پر اهي انساني زندگيءَ جي روزمره تجربن سان ڳنڍيل نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻي ”سڱ“، جيڪا ”ريگستاني قول“ (1944ع) ۾ شايع ٿي، محبت ۽ شاديءَ جي مسئلي کي مسلم سماج جي مخصوص پسمنظر ۾ پيش ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت سندس 1945ع ۾ شايع ٿيل مجموعي ”ڦڙڪ“ ۾ شامل ڪهاڻي ”سو مان“ تي سوشلسٽ فڪر جي اثرن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. سندس ڪهاڻي ”گامڙو“ ۾ ڳوناڻي ماحول، سنڌ جي ثقافتي يادگيري ۽ شهري زندگيءَ کان پري ٿيندڙ انسان جي اندروني ڪيفيتن کي موضوع بڻايو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار جڏهن شهري ماحول ۾ گجراتي ناچ ڏسي ٿو ته سندس ذهن ۾ پنهنجي ڳوٺ ۽ سنڌ جي ماضيءَ جون يادون جاڳي پون ٿيون. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ کان هندستان لڏي ويل سنڌي ليکڪن جي ادب ۾ اهڙي قسم جي يادگيري ۽ ثقافتي وابستگي خاص اهميت رکي ٿي. ڊاڪٽر جڳديش لچاڻي آنند گولاڻيءَ جي ڪهاڻين جي حوالي سان لکي ٿو.

> ”آنند جي ڪهاڻي "گامڙو" ڳوناڻي ماحول سان ڀرپور آهي. هن ڪهاڻيءَ جو هيرو ڪاليج جي اسٽيج تي گجراتي ناچ ڏسي رهيو آهي ۽ خيالن خيالن ۾ گامڙي (ڳوٺڙي) ڏانهن هليو وڃي ٿو، جتي سنڌ جي يادن کي تاڙو ڪري ٿو. سندس ڪهاڻي "هڪ ڳوڙهو" ۾ عورت جي بيوسيءَ کي ڏيکاريو ويو آهي.“ (25)

هن ڳوناڻي ماحول ۽ عورت جي مسئلن ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. خاص طور تي ”هڪ ڳوڙهو“ ۾ عورت جي بي وسيءَ ۽ سماجي محروميءَ کي نمايان ڪيو ويو آهي. گولاڻيءَ جون ٻيون ڪهاڻيون، جهڙوڪ ”مان نئون جنم وٺندس“ ۽ ”چريو“، سياسي

۽ سماجي مسئلن کي موضوع بڻائين ٿيون. انهن ڪهاڻين مان سندس سياسي شعور ۽ ترقي پسند فڪر سان وابستگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. خاص طور تي "مان نئون جنم وٺندس" جهڙو عنوان تبديلي، نئين شعور ۽ نئين سماجي وجود جي خواهش کي علامتي انداز ۾ ظاهر ڪري ٿو. محبت ۽ شاديءَ جا مسئلا، عورت جي بي وسي، ڳوٺاڻي زندگي، سياسي شعور، سوشلسٽ فڪر ۽ فرد جي نئين سڃاڻپ سندس ڪهاڻيءَ جا اهم موضوع آهن.

## گوبند مالهي (1921ع-2001ع)

ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ انهن اهم سنڌي اديبن مان آهي، جن پنهنجي تخليقي ۽ فڪري شعور وسيلي سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئين موضوعاتي وسعت عطا ڪئي. سندس جنم ٺاروشاهه، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ خاص طور تي افسانه نگار، ناول نگار، ڊراما نگار، مترجم ۽ ترقي پسند فڪر جي نمائندي طور ٿئي ٿي. هن ننڍي عمر ۾ ئي لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ لڳ ڀڳ ويهن سالن جي عمر ۾ باقاعده ڪهاڻيون لکڻ ۽ ترجما ڪرڻ شروع ڪيا. 1940ع کان پوءِ سندس تخليقي عمل تي ترقي پسند فڪر جا اثر نمايان نظر اچن ٿا. هن ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ادبي رسالن ۽ ڪهاڻين جي مخزنن جي ايڊيٽنگ پڻ ڪئي، جنهن وسيلي سنڌي ادب ۾ نون فڪري لاڙن جي واڌ ويجهه ۾ حصو ورتائين. ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ ئي گوبند مالهي ڪهاڻيءَ جي مختلف صنفن ۽ موضوعن تي ڪم ڪري چڪو هو. سندس ڪهاڻين ۽ ترجمن ۾ "هاري حقدار"، "ڏياريءَ جي رات"، "غم جي رات"، "گناهه" (ترجمو)، "چوويهه مزدور ۽ هڪ ڇوڪري" (ترجمو)، "نيلم" (ترجمو)، "اڏورو سفر" (ترجمو)، "وونگا ڪان گنگا" (ترجمو)، "تاج محل"، "چتر ليکا" (ترجمو) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون شامل هيون. انهن لکڻين مان سندس فڪري دلچسپيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن پنهنجي دور جي سياسي، سماجي ۽ انساني مسئلن کي به ڪهاڻيءَ جو حصو بڻايو آهي. ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ کان پوءِ به گوبند مالهيءَ جو ادبي سفر رڪجي نه ويو. هندستان منتقل ٿيڻ کان پوءِ هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جاري رکيو ۽ سندس ڪيترائي ڪهاڻي مجموعا منظرعام تي آيا. انهن ۾ "پيار ۽ ٻيون يادگيريون" (1984ع)، "اها به آڪاڻي آهي" (1984ع)، "اڳتي قدم" (1986ع) ۽ "ترويڻي" (1995ع) خاص اهميت رکن ٿا. انهن مجموعن جو مطالعو ڪرڻ سان سندس فڪري ارتقا، سماجي مشاهدي، ثقافتي وابستگي ۽ انساني جذبن جي مختلف صورتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جنهن تاريخي دور ۾ گوبند مالهي ڪهاڻيڪار طور ابري رهيو هو، اهو برطانوي راڄ جي آخري مرحلن ۽ سياسي بيداريءَ جو زمانو هو. سنڌي سماج ۾ آزاديءَ جي تحريڪ، هارين ۽ پورهيتن جي مسئلن، طبقاتي اڻبرابري ۽ نئين سياسي شعور جي لهر پيدا ٿي رهي هئي. اهڙي ماحول ۾ ادب به سماج کان الڳ نه رهيو. ڪهاڻيڪار پنهنجي تخليق وسيلي استحصالي نظام، سماجي ناانصافي ۽ روايتي جمود خلاف آواز بلند ڪري رهيا هئا. گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻي به انهيءَ فڪري ماحول مان جنم وٺي ٿي. مختيار احمد ملاح، گوبند مالهيءَ جي ان ادبي ڪردار بابت لکي ٿو:

> "جنهن زماني ۾ گوبند مالهي ڪهاڻيڪار ٿي ابريو، اهو دور انگريز حڪومت جو آخري دور هو. هي سڄو دور سياسي شعور جو دور هو. هن دور جي ڪهاڻين ۾ حڪومت خلاف باغيانه خيال پيش ڪيا ويا. ان دور جي ترقي پسند تحريڪ ۾ گوبند مالهي جون ڪهاڻيون وڏي اهميت واريون هيون. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند ۽ انقلاب آڻيندڙ پهريون ڪتاب "ريگستاني ڦول" هو، جنهن کي گوبند مالهي 1944ع ۾ ترتيب ڏئي شايع ڪرايو هو." (26)

"ريگستاني ڦول" گوبند مالهيءَ جي ادبي ۽ فڪري سرگرميءَ جو اهم مثال آهي. هي مجموعو ان دور جي ترقي پسند ادبي سوچ جي نمائندگي ڪندڙ ڪتاب طور اهميت رکي ٿو. ان ۾ سماج جي هيٺين طبقن، سياسي جبر، معاشي ناانصافي ۽ انساني زندگيءَ جي مسئلن کي ادبي اظهار ڏنو ويو. گوبند مالهيءَ جو هي قدم ان لحاظ کان به اهم هو ته هن ڪهاڻيءَ کي سماجي تبديليءَ جي شعور سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. غلام رباني آگرو "ريگستاني ڦول" جي ادبي اهميت بابت لکي ٿو:

> "گوبند مالهي "ريگستاني ڦول" سوڀي گيانچنداڻي جي صلاح تي ڇپايو هو. اهو ڪتاب پهريون پتڪڙو تارو هو، جيڪو سنڌي ترقي پسند ادب جي آسمان ۾ اُڀريو. " (27)

"ريگستاني ڦول" سنڌي ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ هڪ اهم سنگِ ميل هو. هن مجموعي وسيلي ڪهاڻيءَ کي سماجي حقيقتن، سياسي شعور ۽ طبقاتي مسئلن سان ڳنڍڻ واري رجحان کي تقويت ملي. گوبند مالهيءَ جو پهريون اهم ڪهاڻي مجموعو "پيار ۽ ٻيون يادگيريون" 1984ع ۾ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ سندس ذاتي تجربن، ماضيءَ جي يادگيرين ۽ انساني

رشتن سان لاڳاپيل ڪهاڻيون شامل آهن. “گود جو پٽ”، “ماتيلي ماءُ”، “مامو روچي رام”، “منهنجو پهريون پيار” ۽ “ناناڻو گهر” جهڙيون ڪهاڻيون سندس شخصي يادگيريءَ کي افسانوي صورت ۾ پيش ڪن ٿيون. انهن ڪهاڻين کي رڳو آتم ڪٿائي نوعيت جي لکڻين طور ڏسڻ مناسب نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ذاتي تجربو بہ پنهنجي اندر سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جا ڪيترائي عڪس محفوظ ڪري ٿو. خاندان، گهر، مائٽن جا تعلقات، ٻالڪپڻ، محبت، عورت ۽ مرد جا سماجي رشتا ۽ روايتي خانداني قدر انهن ڪهاڻين ۾ هڪ اهڙي ثقافتي دنيا کي محفوظ ڪن ٿا، جيڪا ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ سبب وڏي تبديليءَ مان گذري. “ناناڻو گهر” جهڙي ڪهاڻيءَ يادگيري، رشتن ۽ ثقافتي سڃاڻپ جي علامت بڻجي سامهون اچي ٿو. اهڙيءَ ريت “منهنجو پهريون پيار” ۾ انساني جذبات جي پيشڪش ذاتي سطح کان اڳتي وڌي ان سماج جي اخلاقي ۽ جذباتي قدرن کي بہ ظاهر ڪري ٿي، جنهن ۾ ليکڪ جي پرورش ٿي. گوبند مالهيءَ جو ٻيو مجموعو “اها بہ ڪا آڪاڻي آهي” بہ اهم ادبي حيثيت رکي ٿي. هن مجموعي ۾ ڏهہ ڪهاڻيون شامل آهن، جن مان ڪيتريون ئي برطانوي دور ۾ مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. “هاري حقدار”، “ناناڻي مجلس”، “همدرديءَ جو احساس”، “ڏياريءَ جي رات”، “شرنار تي”، “سون جي ڪهاڻي” ۽ ٻيون ڪهاڻيون سماجي زندگيءَ جي مختلف پاسن کي اجاگر ڪن ٿيون. خاص طور تي “هاري حقدار” ڪهاڻيءَ ۾ هاري طبقي جي حقن ۽ معاشي مسئلن ڏانهن ليکڪ جي فڪري توجهہ آهي. هاري سنڌي سماج جي بنيادي پيداواري قوت رهيو آهي، پر جاگيرداراڻي ۽ معاشي نظام ۾ سندس حيثيت گهٽجو ڪري استحصال جو شڪار رهي. “ڏياريءَ جي رات” ۾ ثقافتي ۽ مذهبي ماحول سان گڏ انساني جذبن کي ڪهاڻيءَ جو حصو بڻايو ويو آهي. اهڙي قسم جون ڪهاڻيون ساهتي پرڳڻي جي ان گهڻ ثقافتي سماج کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن، جتي مختلف مذهبي ۽ سماجي برادرين جا ماڻهو گڏجي زندگي گذاريندا هئا. ان ڪري گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافت رڳو رسم ۽ رواج جو نالو نہ ٿي رهي، پر انساني لاڳاپن ۽ گڏيل سماجي زندگيءَ جي صورت اختيار ڪري ٿي. “شرنار تي” جهڙي ڪهاڻيءَ کي ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ جي پسمنظر ۾ پڙهڻ سان ان دور جي انساني بيچيني، بي گهر ٿيڻ ۽ نئين سماجي صورتحال جا اثر محسوس ڪري سگهجن ٿا. 1986ع ۾ شايع ٿيل “اڳتي قدم” گوبند مالهيءَ جو ٽيون اهم ڪهاڻي مجموعو آهي. هن مجموعي ۾ “اڳتي قدم”، “ڪوڙو آنو”، “احساس مندي”، “اي مارن ريت”، “سخيءَ کان شوم ڀلو”، “پرپور عيوضو”، “اسان جو انڌو بہ اگهاڙو”، “ناني سگهڙياڻي”، “رڪ ڇپتي”، “سيباڻ” ۽ “دل ڏجي دل وارن کي” جهڙيون ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جون ڪهاڻيون گوبند مالهيءَ جي سماجي مشاهدي کي وڌيڪ وسيع ڪن ٿيون. انهن ۾ مذهبي ٺيڪيداري، وهم پرستي، انساني روين، سماجي اخلاقيات، غربت، عورت جي حيثيت، لڏپلاڻ ۽ معاشرتي ناانصافين جا مختلف روپ نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ “اڳتي قدم” جي موضوعاتي اهميت بابت لکي ٿي:

> “هن مجموعي ۾ نام نهاد پيرن ، فقيرن ۽ سنياسي ۽ ٻاون جا ڪارناما ۽ ماڻهن جو انهن تي انڌو يقين، ايمانداري، شرافت ۽ وفاداري جو واسطو مذهب ۽ قوم يا ذات سان نہ پر اسان جي شخصي ذهنيت تي مدار رکي ٿو. سنڌ مان لڏپلاڻ جو ذڪر ۽ ان دور جا سماجي مسئلا، عورتن جي بيعزتي ۽ بي حرمتي جهڙا موضوع هنن ڪهاڻين ۾ پيش ڪيل آهن.” (28)

گوبند مالهي سماجي مسئلن کي ڪنهن هڪ طبقي يا فرد جي ڪمزوريءَ سان منسوب ڪرڻ بدران انساني ذهنيت، سماجي ڍانچي ۽ روايتي سوچ جي حوالي سان ڏسي ٿو. پيرن، فقيرن، سنياسين ۽ ٻاون جي نالي تي ماڻهن جو انڌو عقيدو سندس ڪهاڻين ۾ تنقيد جو موضوع بڻجي ٿو. “اڳتي قدم” ڪهاڻيءَ ۾ ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو کنيو ويو آهي. گوبند مالهيءَ جي “سورن جي ڪهاڻي” ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ۽ هندستان ۾ دربدر ٿيڻ واري صورتحال جو هڪ اهم ادبي عڪس پيش ڪري ٿي. ان لحاظ کان هي ڪهاڻي ساهتي پرڳڻي جي سماجي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ پڻ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ ساهتي پرڳڻو بہ ورهاڱي کان اڳ هڪ گهڻ ثقافتي ۽ گهڻ مذهبي سماجي ماحول جو حصو هو ۽ ورهاڱي کان پوءِ ان جي آبادي، ثقافتي بناوت ۽ سماجي رشتن ۾ نمايان تبديليون آيون. “اها بہ هڪ ڪهاڻي” ناڪام محبت جي موضوع تي ٻڌل آهي. گوبند مالهيءَ وٽ محبت رڳو رومانوي جذبو نہ آهي، پر انساني زندگيءَ جي سماجي ۽ نفسياتي پيچيدگين سان ڳنڍيل آهي. گوبند مالهيءَ جي رومانوي ڪهاڻين ۾ بہ سندس سماجي شعور مڪمل طور ختم نٿو ٿئي. هو انساني جذبن کي سماج کان ڌار ڪري نہ ٿو ڏسي، بلڪ فرد ۽ سماج جي وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ کي ڪهاڻيءَ جي فڪري پسمنظر ۾ رکي ٿو. “اڇ وڇ ڪونج” ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي جيوت کي موضوع بڻايو ويو آهي. ڳوٺ سنڌي ثقافت جي بنيادي سماجي اڪائيءَ طور اهميت رکي ٿو، جتي رهڻي ڪهڻي، ٻولي، لوڪ روايتون، رشتا، گڏيل زندگي ۽ معاشي سرگرميون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل نظر اچن ٿيون. گوبند مالهيءَ جو چوٿون ڪهاڻي مجموعو “ترويڻي” آهي، جنهن ۾ رومانوي نوعيت جون ڪهاڻيون وڌيڪ نظر اچن ٿيون. سنڌس ادبي سفر کي

مجموعي طور ڏسجي ته واضح ٿئي ٿو ته ترقي پسند ۽ سماجي مسئلن واري ڪهاڻيءَ سان گڏ هن انساني جذبن، محبت ۽ نفسياتي ڪيفيتن کي به پنهنجي افسانوي ادب جو حصو بڻايو. گوبند مالهيءَ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ رڳو اصل تخليق وسيلي ئي حصو نه ورتو، پر ترجمي وسيلي پڻ سنڌي پڙهندڙن کي ٻين سماجن ۽ ادب جي فڪري دنيا سان متعارف ڪرايو. 1944ع ۾ سندس ترجمو ڪيل "ڪمپنيءَ جي حڪومت"، "بلوو" ۽ "قطع تعلقات" پڻ شايع ٿيا. انهن ڪهاڻين جو پسمنظر سياسي نوعيت جو هو. اهڙيءَ طرح گوبند مالهيءَ جو ترجمي وارو ڪم سنڌي ادب ۾ فڪري تبادلي ۽ شعور جي واڌ ويجهه سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو. گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻين جو موضوعاتي مطالعو ڪرڻ سان سندس افسانوي ادب ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور جا ڪيترائي بنيادي رخ سامهون اچن ٿا. انهيءَ بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻي ساهتي پرڳڻي جي سماجي زندگيءَ جو رڳو عڪس پيش ڪندڙ ادب ناهي، پر اها سماج کي سمجهڻ، سوال ڪرڻ ۽ تبديل ڪرڻ واري شعور جي پڻ نمائندگي ڪري ٿي.

## نور عباسي (1927ع - 1982ع)

نور محمد عباسي ولد حاجي هاشم جو جنم شهر پريا، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. نور عباسي ساهتي پرڳڻي جي انهن اهم اديبن مان هڪ آهي، جن صحافت، ڪهاڻي ۽ ڪالم وسيلي سنڌي سماج جي مختلف اوڻاين، تضادن ۽ مسئلن کي گهري نظر سان نروار ڪيو. هن جي لکڻين ۾ رڳو سماجي خرابين جي نشاندهي ئي نظر نٿي اچي، پر انهن تي تنقيد سان گڏ اصلاحي شعور پڻ موجود آهي. ان لحاظ کان نور عباسيءَ جي ڪهاڻي سماجي تبديليءَ ۽ ثقافتي شعور جي مطالعي لاءِ اهم حيثيت رکي ٿي. نور عباسيءَ جو ڪهاڻين جو مجموعو "چمڙي جا واپاري" (1964ع) سنڌي مزاحيه ڪهاڻيءَ جي حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو. هن مجموعي کي سنڌي مزاحيه ڪهاڻين جي ابتدائي ۽ اهم مجموعن مان شمار ڪري سگهجي ٿو. سندس مزاح رڳو کل پيدا ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر ان ۾ طنز، لطافت ۽ سماجي تنقيد جا عنصر پڻ شامل آهن. اهڙيءَ ريت سندس مزاحيه ڪهاڻي سماج جي مختلف مسئلن، روين ۽ تضادن کي اجاگر ڪندي پڙهندڙ ۾ فڪري ۽ سماجي شعور پيدا ڪري ٿي. هن سلسلي ۾ "وقت جا راڳ"، "گدائي ڪان پوءِ"، "چمڙي جا واپاري" سميت ٻيون ڪهاڻيون اهم آهن. اهڙيءَ طرح "واٽ ويندي" سندس ڪالم ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن مان سندس صحافتي ۽ سماجي مشاهدي جي وسعت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نور عباسيءَ جي مزاحيه ۽ طنزيه ڪهاڻين جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته هو عام ۽ روزمره جي واقعن کي سماجي تنقيد جو وسيلو بڻائي ٿو. "چمڙي جا واپاري" ۾ پاڻيءَ جي موضوع کي مزاحيه انداز ۾ پيش ڪندي سماج جي سياسي ۽ عوامي دلچسپين تي طنز ڪيو ويو آهي. سندس طنز سماج جي عام مسئلن، سياسي حالتن، عوامي روين ۽ ثقافتي ذهنيت کي موضوع بڻائي ٿو. هو عام ماڻهوءَ جي ٻولي ۽ روزمره جي صورتحال کي استعمال ڪندي اهڙو فني انداز اختيار ڪري ٿو، جنهن سان پڙهندڙ هڪ طرف محظوظ ٿئي ٿو ته ٻئي طرف پنهنجي سماج جي مسئلن ۽ تضادن تي سوچڻ لاءِ پڻ مجبور ٿئي ٿو. نور عباسيءَ جي ڪهاڻيءَ کي ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور جي اظهار جو هڪ اهم مثال قرار ڏئي سگهجي ٿو. سندس لکڻين ۾ سماجي اوڻاين تي تنقيد، سياسي شعور، عام ماڻهوءَ سان وابستگي ۽ اصلاحي سوچ گڏجي اهڙو فڪري پسمنظر پيدا ڪن ٿا، جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ کي محض تفريح کان اڳتي وٺي وڃي ٿو.

## ڊاڪٽر نجم عباسي

ڊاڪٽر نجم عباسي سنڌي ڪهاڻيءَ جي انهن اهم افسانه نگارن مان آهي، جن پنهنجي تخليقي ادب وسيلي سنڌي سماج جي معاشي، سماجي، سياسي ۽ ثقافتي مسئلن کي حقيقت پسندانه انداز ۾ پيش ڪيو. سندس ڪهاڻين ۾ طبقاتي اڻبرابري، غربت، استحصال، سماجي ناانصافي، فرسوده روايتون، پير پرستي، مذهبي وهمن ۽ سياسي بيحسيءَ جهڙا مسئلا نمايان نظر اچن ٿا. سندس فڪر جو بنيادي مقصد رڳو سماجي اوڻاين جي نشاندهي ڪرڻ نه، پر انهن جي پس پرده سببن کي سمجهڻ ۽ پڙهندڙ ۾ تنقيدي شعور پيدا ڪرڻ پڻ آهي. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي راءِ موجب:

> "نجم عباسي حقيقتن کي ايمانداريءَ سان پيش ڪندڙ سماجي حقيقت نگار ليکڪ آهي، جنهن جي فڪر ۾ سائنسي سوچ ۽ جديد انسان جي تعمير جو تصور نمايان آهي." (29)

نجم عباسي جو تعلق طب سان هجڻ سبب انساني زندگيءَ جي مختلف طبقن ۽ انهن جي مسئلن جو مشاهدو وڏيڪ ويجهڙائيءَ سان ڪرڻ جو موقعو مليس. انهيءَ مشاهدي سندس ڪهاڻيءَ کي محض تصوراتي ادب بدران زندگيءَ جي حقيقي تجربن سان ڳنڍي ڇڏيو. ڊاڪٽر نور افروز خواجه موجب:

”نجم عباسي سماجي برائين خلاف جدوجهد ڪندڙ حقيقت پسند ڪهاڻيڪار آهي، جنهن پنهنجي ڪردارن ۾ شاگردن، هارين، مزدورن، ملازمن ۽ هيٺين توڙي وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي جاءِ ڏني.“ (30)

نجم عباسي جي ڪهاڻي ”چوڏو“ ۾ پير پرستي، مزارن سان وابسته ڪرامتن ۽ غيرسائنسي عقيدن کي تنقيدي نظر سان ڏٺو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ”سڀاجهي شاهه“ ۽ ڪندي جي وڻ سان لاڳاپيل عقيدي کي اهڙي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا ماڻهن جي ذهني غلامي ۽ وهم پرستيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. هو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته جڏهن موروثي عقيدا تنقيدي سوچ کان خالي ٿي وڃن ٿا، تڏهن اهي سماجي شعور جي واڌ ويجهه ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهن ٿا. ساڳيءَ طرح ”مُلو ۽ ڪاليجي“ ۾ مذهبي رسمن جي نالي تي غريب ماڻهن جي معاشي ”حادثا“ ڪهاڻيءَ ۾ معاشي تنگدستي، روزگار جي غيريقيني ۽ پورهيت طبقي جي مجبورين کي ڪهاڻيءَ جي فڪري پسمنظر طور آندو ويو آهي. ان سان گڏ امير ۽ غريب جي وچ ۾ موجود معاشي فرق، دولت جي بنياد تي پيدا ٿيندڙ سماجي غرور ۽ طبقاتي فاصلي کي پڻ نمايان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ڪهاڻي فرد جي مسئلي کي وسيع معاشي ڍانچي سان ڳنڍي ٿي، جيڪو نجم عباسي جي سماجي حقيقت نگاريءَ جي اهم وصف آهي. نجم عباسي جي ڪهاڻي ”ڪوريءَ جي ڪهاڻي“ ۾ سياسي شعور ۽ عوامي بي وسيءَ جو مسئلو نمايان آهي. عورت جي سماجي حيثيت بابت نجم عباسي جي ڪهاڻي ”رانديڪو“ پڻ اهم آهي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي شاديءَ ۽ زندگيءَ بابت فيصلا ڪرڻ جي حق کان محروميءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جتي عورت کي پنهنجي مرضيءَ رکندڙ انسان بدران ملڪيت يا رانديڪي جي حيثيت ڏني وڃي ٿي. اهڙي پيشڪش پدرشاهي سماجي ڍانچي تي تنقيد سان گڏ عورت جي انساني حيثيت، اختيار ۽ سماجي آزاديءَ بابت شعور پيدا ڪري ٿي. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ طوفان جي تمنا (1969ع)، پٿر تي ليڪو (1973ع)، ناچڻي (1978ع)، ايڏو سور سهي ( 1978ع)، پروفيسر داروز هن ديوانو جو (1988ع)، رشتا ناتا (1981ع)، سورج هوندي مرجهايل (1982ع)، مٽي سنڌ سڪار (1988ع)، منهنجون بهترين ڪهاڻيون (1991ع)، پاڻ ۾ وينا آهيون (1992ع)، اوچا ڳاٽ پهاڙن جا (1993ع)، پهاڙن ۾ پڪار (1984ع)، للڪار (1983ع) ۽ دل وارن جي دنيا (2009ع) شامل آهن. سندس ڪهاڻيون چوڏو، مٽي قريل، ڏاريائپ جو ڏوهه، ملو ۽ ڪاليجي، دعا ۽ تاڙيون، ذهنيت جو زهر، پيهي جا پاڙ ۾، للڪار ۽ ٻيون ڪهاڻيون سماجي تبديلي، حقيقت نگاري ۽ ثقافتي شعور سان سرشار آهن. نجم عباسي سنڌ پرست ۽ جاگيردار نظام جو مخالف هو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ توهم پرستي، ڦيٽن، ڏاڳن، دعائن، مرشدن جي جاءِ تي سائنسي علمن جي اهميت تي زور ڏنو آهي. نجم عباسي جي فڪر ۾ سماجي تبديليءَ سان گڏ قومي ۽ ثقافتي شعور به اهم حيثيت رکي ٿو. ”ديسي سيڻ ڪجن“، ”هٽ ڪڙيون“ ۽ ”پٿر تي ليڪو“ جهڙين تخليقن ۾ ڌرتي، ٻولي، قومي سڃاڻپ ۽ مزاحمتي شعور جا عنصر نمايان ٿين ٿا. سندس ادب ۾ پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ سان وابستگي محض جذباتي وابستگي نه، پر سماجي ۽ فڪري مزاحمت سان ڳنڍيل نظر اچي ٿي. اهڙيءَ ريت نجم عباسي وٽ ثقافتي شعور، سماجي نانصافيءَ خلاف مزاحمت ۽ تبديليءَ جي خواهش هڪ ٻئي سان ڳنڍيل فڪري پاسا بڻجي وڃن ٿا. ڊاڪٽر ريحانه نظير موجب:

”نجم عباسي جي ادبي ڪم جو دائرو وسيع آهي ۽ سندس لکڻين ۾ قومي ۽ رياستي جبر، سرمائيداري، جاگيرداراڻي منافقت، لالچ، تشدد، غربت، بک، بيروزگاري، گهٽ تعليمي شعور، پيرن، مرشدن ۽ ملائن جي استحصالي ڪردار، وهم پرستي ۽ عورت جي ملڪيت واري تصور جهڙا موضوع بار بار سامهون اچن ٿا. سندس ادب جو بنيادي رخ انهن سماجي برائين خلاف بغاوت ۽ وڌيڪ منصفاڻي سماج جي جستجوءَ سان وابسته آهي.“ (31)

مجموعي طور سندس ڪهاڻيون سماج جي مسئلن جي سڃاڻپ سان گڏ پڙهندڙ کي انهن جي سببن بابت سوچڻ ۽ موجوده حالتن تي سوال اٿارڻ ڏانهن راغب ڪن ٿيون. ان لحاظ کان نجم عباسي جي ڪهاڻي سماجي تبديليءَ جي شعور ۽ ثقافتي سڃاڻپ جي تحفظ لاءِ اهم ادبي وسيلو بڻجي ٿي.

**غلام رباني آگرو**

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي فني ۽ فڪري ارتقا ۾ غلام رباني آگري جو نالو اهم حيثيت رکي ٿو. هن روايتي قصہ گوئيءَ کان اڳتي وڌي ساهتي پرڳڻي جي ڳوناٽي زندگيءَ، سماجي تضادن، طبقاتي اڻبرابري، معاشي استحصال، وڏيرا شاهي، عورت جي محرومي ۽ انساني بي وسيءَ کي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪيو. سندس ڪهاڻيون رڳو سماجي مسئلن جي عڪاسي نٿيون ڪن، پر مقامي ٻولي، رهڻي ڪهڻي، رسم رواج ۽ ثقافتي قدرن وسيلي ساهتي پرڳڻي جي ثقافتي شعور کي پڻ محفوظ ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ مقامي لهجي، سنڌي زندگيءَ جي رنگ، سماجي مسئلن جي فني پيشڪش، ڳوناٽي زندگيءَ جي عڪاسي، منظرنگاري، موزون لفظن جي چونڊ ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف سماجي شعور جهڙيون اهم فني خوبيون آهن. غلام رباني جو افسانوي فن مقامي ثقافت جي عڪاسي سان گڏ سماجي تبديليءَ جي شعور سان پڻ جڙيل آهي. ”ٻُري هن پنيور ۾“ ۾ ٻوڏ جي آفت دوران غريب هارين کي وڏيري جي زمين ۽ بند بچائڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ عيسيٰ پنهنجي گهر ۽ خاندان جي تباهيءَ سان روبرو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح قدرتي آفت سماجي ناانصافيءَ جي علامت بڻجي وڃي ٿي، جتي طاقتور جي ملڪيت کي غريب انسان جي زندگيءَ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. ”شيدو ڏاڙيل“ ۾ رباني فرد ۽ سماج جي تعلق کي وڌيڪ گهرو بڻائي ٿو. شيدو رڳو ڌوهاري ڪردار نہ، پر وڏيراڻي جبر، سماجي ناانصافي ۽ طاقت جي غلط استعمال مان پيدا ٿيندڙ الميي جي علامت آهي. ساڳئي طرح ”پن ٻوڙين پاتال ۾“ ۾ وڏيراڻي سياست، ڌاڙيل ڪلچر، سياسي انتقام ۽ قانون جي ڪمزوريءَ وسيلي عام ماڻهوءَ جي بي وسي ۽ عدم تحفظ کي ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت رباني جا ڪردار سماجي نظام جي مختلف طبقن ۽ تضادن جا نمائندا بڻجي وڃن ٿا. غلام رباني آگري جي ثقافتي شعور جو نمايان اظهار سندس ٻولي ۽ اسلوب ۾ ملي ٿو. نج سنڌي محاورا، اصطلاح، چوڻيون، مقامي لفظ ۽ ساهتي پرڳڻي جو لهجو سندس ڪهاڻين کي فطري سماجي سڃاڻپ عطا ڪن ٿا. سندس ٻولي سادي، روان ۽ اثرائتي آهي، جڏهن تہ منظر نگاري، مڪالمو، تشبيهہ ۽ علامت ڪهاڻيءَ جي معنوي جوڙجڪ سان ڳنڍيل آهن. سندس بيان ۾ فصاحت، موزون لفظن ۽ فني سادگيءَ کي نمايان ڪري ٿو. ”ڪارا ۽ ڳاڙها ليڪا“ ۾ رباني جي ثقافتي ۽ نفسياتي شعور جو ٻيو پاسو سامهون اچي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ محبت، سماجي تعصب، قبائلي روايت ۽ صنفي پابندين جي وچ ۾ ٽڪراءُ نمايان آهي سندس اسلوب سادو، روان ۽ دلڪش ۽ جذبن جي اثرائتي پيشڪش ڏانهن اشارو ڪري ٿو. رباني جي منظرنگاري بہ سماجي ۽ ثقافتي شعور سان ڳنڍيل آهي. درياهہ، ٻوڏ، ٻنيون، واهہ، ڪچو، اوطاق، جهنگ ۽ ڳوناٽو ماحول سندس ڪهاڻين ۾ رڳو پسمنظر نہ، پر انساني زندگيءَ، سماجي بحران ۽ ثقافتي سڃاڻپ جون علامتون بڻجن ٿا. ”ٻُري هن پنيور ۾“ جو ٻوڏ وارو ماحول ۽ ”پن ٻوڙين پاتال ۾“ جي اونداهي ۽ خوف واري فضا سماجي بي يقيني ۽ انساني بي وسيءَ کي وڌيڪ گهرو معنوي اثر ڏين ٿا. ”ڪارا ۽ ڳاڙها ليڪا“ سميت سندس ڪهاڻين جون عورتون پنهنجي احساسن، محرومين ۽ سماجي پابندين سان مڪمل انساني وجود طور سامهون اچن ٿيون. هن 1950ع کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس پهرين ڪهاڻي اترادي تماهي مهراڻ ۾ ڇپي. ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آب حيات (1960ع) ۾ ڇپيو. سندس ڪهاڻين ۾ ڳوناٽي زندگيءَ جو عڪس گهڻو آهي. وڏيرا شاهي خلاف نفرت آهي. سندس ڪهاڻي شيدو ڏاڙيل ۽ آب حيات فئنٽسي ڪهاڻيون آهن. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ڪارا ۽ ڳاڙها ليڪا اهم ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نفيس ۽ دلڪش منظر پيش ڪيل آهن. ٻن ٻوڙين پاتال ۾ ۽ هوندا سي حيات ڪهاڻين ۾ وڏيرڪو ماحول ۽ ظلم ڏيکاريل آهي. نيٺ بهار ايندو سندس شاندار رومانوي ڪهاڻي آهي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ مان پل هجان، اکڙيون اجايون ۽ ڪرنڪ اهم مقام رکن ٿيون.

## حميد سنڌي

حميد سنڌي سنڌي ڪهاڻيءَ جي انهن اهم ڪهاڻيڪارن مان آهي، جن پنهنجي وسيع سماجي مشاهدي، حقيقت نگاري، ڪردارنگاري ۽ ٻوليءَ جي فطري استعمال وسيلي سنڌي سماج جي مختلف پاسن کي افسانوي ادب جو حصو بڻايو. سندس جنم 12 آڪٽوبر 1939ع تي نوشهروفيروز ۾ محمد اسماعيل ميمڻ جي گهر ٿيو. ادبي حوالي سان ’روح رهاڻ‘ رسالي جي ادارت ۽ ’بزمِ روح رهاڻ‘ جي ادبي سرگرمين وسيلي نون ۽ پراڻن اديبن لاءِ هڪ تخليقي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ پڻ سندس اهم ڪردار رهيو. حميد سنڌيءَ 1958ع کان ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي. سندس ڪهاڻيءَ جا مجموعا ’سيمي‘، ’اداس واديون‘، ’ويريون‘، ’راڻا جي رجپوت‘، ’جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان‘، ’دردوننديءَ جو ديس‘ ۽ ’سو مون سپ جمار‘ اهم آهن. سندس شروعاتي مجموعي ’سيمي‘ ۾ تخيل جو عنصر نمايان هو ۽ خود ليکڪ ان مجموعي کي اهڙين ڪهاڻين سان منسوب ڪيو، جن ۾ حقيقي دنيا جي باوجود سنڌي ماحول ۽ سماج جو سڌو عڪس نمايان نہ هو. ان جي پيٺ ۾ سندس ايندڙ مجموعن ۾ سماجي حقيقت نگاري آهستي آهستي وڌيڪ پختي ٿيندي نظر اچي ٿي. ’اداس واديون‘ ۾ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻيڪارانہ شعور جو نئون رخ سامهون اچي ٿو. هن مجموعي جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جي مختلف حقيقتن، انساني جذبن ۽ زندگيءَ جي تضادن کي موضوع بڻائن

ٿيون. سندس نثر ۾ سادگي، عام فهم ٻولي ۽ نيٺ سنڌي لفظن جو استعمال ڪهاڻيءَ کي مقامي سماجي ماحول سان ڳنڍي ٿو. ’سمنڊ ۽ مان‘ جهڙي ڪهاڻيءَ ۾ ٻاهرين فطرت ۽ انساني اندر جي ڪيفيتن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي اڪيلائپ، فڪر ۽ زندگيءَ جي احساس کي فني صورت ڏني وئي آهي. ’ويريون‘ ۾ سماجي حقيقت نگاري وڌيڪ نمايان صورت اختيار ڪري ٿي. هن مجموعي ۾ خانداني رشتن، سماجي تضادن، عورت جي حيثيت، روايتي سوچ ۽ انساني نفسيات جا مختلف رخ ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻجن ٿا. خاص طور ’ست پٽيتي‘ ۾ پٽ کي نياڻيءَ کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ واري روايتي ذهنيت تي تنقيد ملي ٿي. پاڳل جو ستن پٽن تي غرور آخرڪار انهيءَ سماجي تصور جي ڪمزوري ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ عورت جي قدر ۽ خاندان جي عزت کي پٽ جي اولاد سان وابستہ ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪهاڻي روايتي پدرشاهي سوچ تي تنقيدي سوال اٿاري ٿي. ’راڻا جي رجپوت‘ حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي ۽ ثقافتي شعور جي حوالي سان وڌيڪ اهم مجموعو آهي. هن مجموعي ۾ شامل ’چوري چڙهَ مَ چيرين‘ عورت جي جذباتي استحصال ۽ مرداڻي مفاد پرستيءَ جو هڪ نمايان مثال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ محبت جي دعويٰ ڪندڙ مرد جي سماجي دٻاءَ آڏو پوئتي هٽڻ ۽ عورت کي ان جا نتيجا ڀوڳڻا پون ٿا. حور جو ڪردار عورت جي بي وسي، سماجي ناانصافي ۽ جذباتي محروميءَ جي علامت بڻجي سامهون اچي ٿو. سندس چوڻ موجب ’جنت‘، ’سو مون سپ ڄمار‘ ۽ ’مرين تہ آرهڙ ۾ مرجانءِ‘ جهڙيون ڪهاڻيون بہ حقيقي واقعن سان لاڳاپيل آهن، جن کي تخليقي انداز سان ڪهاڻيءَ جي قالب ۾ آندو ويو. ’جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان‘ ۾ سماجي زندگيءَ جي مختلف تجربن، انساني رشتن، محرومين، اميدن ۽ نااميدين کي مختصر مگر اثرائتي ڪهاڻيءَ جي صورت ڏني وئي آهي. ڪردارن ۽ مڪالمن وسيلي سماج جي عام ماڻهن جي نفسيات ۽ روزمرهہ زندگيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. هن مجموعي جي ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ سان گڏ جذباتي عنصر بہ نمايان آهي. ڪن ڪهاڻين جا دکدائڪ انجام انساني محبت جي بي ثباتيءَ جو احساس پيدا ڪن ٿا؛ البت تنقيدي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ ڪٿي ڪٿي اهڙا انجام ڪردار جي امڪاني سماجي مزاحمت يا زندگيءَ سان وابستگيءَ کي محدود ڪري ڇڏين ٿا. مجموعي طور، سندس ڪهاڻيون سنڌي سماج جي ماضي ۽ حال جي عڪاسي ڪن ٿيون، جنهن جي نشاندهي ناصر مورائي پڻ ڪئي آهي. ’سو مون سپ ڄمار‘ ۾ حميد سنڌيءَ جو موضوعاتي دائرو وڌيڪ وسيع ٿئي ٿو. هن مجموعي ۾ انساني رشتن سان گڏ سماجي ناانصافين، روايتي قدرن، عورت جي مسئلن ۽ مختلف سماجي طبقن جي زندگيءَ کي موضوع بڻايو ويو آهي. ’ڪڙيا ڪنڌار‘ ۾ ڪاروڪاريءَ جهڙي سماجي مسئلي وسيلي عورت جي جان، خاندان ۽ سماجي روايتن جي وچ ۾ موجود پيچيده تضاد کي اجاگر ڪيو ويو آهي. مائي سفوران جو ڪردار سماجي جبر جي اهڙي صورتحال کي ظاهر ڪري ٿو، جتي مادري محبت ۽ روايتي سماجي دٻاءُ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. ساڳئي مجموعي ۾ مختلف ۽ نسبتاً نون موضوعن کي ڪهاڻيءَ جي صورت ڏيڻ سان حميد سنڌيءَ جي موضوعاتي وسعت پڻ ظاهر ٿئي ٿي. ’دردونديءَ جو ديس‘ ۾ شامل ڪهاڻيون مختلف وقتن جي سماجي تجربن مان جنم وٺندڙ ڪردارن ۽ واقعن تي ٻڌل آهن. ليکڪ انهن ڪردارن کي پنهنجي حافظي ۾ محفوظ سماجي تجربن سان ڳنڍي ٿو.

حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻيءَ جي سڀ کان اهم فني خصوصيت سندس ڪردارنگاري آهي. ’خانو چور نہ آهي‘، ’راڻا جي رجپوت‘، ’زبرو ڏک‘، ’دربان‘، ’ويريون‘، ’چوري چڙهَ مَ چيرين‘ ۽ ٻين ڪهاڻين ۾ مختلف سماجي طبقن جا نمائنده ڪردار نظر اچن ٿا. انهن ڪردارن جي ٻولي، گفتگو، رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي رويا انهن جي ثقافتي پسمنظر کي ظاهر ڪن ٿا. سندس ڪردارن جي ٻوليءَ مان سماج جي مختلف طبقن جي ذهنيت، رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهڙي ڪردارنگاريءَ سبب سندس ڪهاڻيون ادبي تخليق سان گڏ سماجي ۽ ثقافتي دستاويز جي اهميت پڻ حاصل ڪن ٿيون. حميد سنڌيءَ جي ٻوليءَ ۾ سادگي ۽ نفاست گڏ نظر اچن ٿيون. مناسب لفظن جي چونڊ، شاعراڻي احساس، محاورن ۽ چوڻين جو برمحل استعمال سندس اسلوب کي اثرائتو بڻائي ٿو. هن جي ڪيترين ڪهاڻين جا عنوان پڻ لطيفي شاعريءَ مان ورتل آهن. ’چوري چڙهَ مَ چيرين‘، ’ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون‘، ’اکڙيون ميگهہ ملار‘، ’لڳي لڳي واءُ‘ ۽ ’سو مون سپ ڄمار‘ جهڙا عنوان نہ رڳو سنڌي ثقافتي روايت سان تعلق قائم ڪن ٿا، پر ڪهاڻيءَ جي فڪري ۽ جذباتي فضا کي پڻ لطيفي شعور سان ڳنڍين ٿا.

## عمر الدين بيدار

عمر الدين بيدار سنڌي ادب ۽ صحافت سان لاڳاپيل اهم ليکڪ هو. سندس جنم 1929ع ۾ محمد آچر جي گهر، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. بنيادي طور تي هو صحافت جي شعبي سان وابستہ رهيو، پر ساڳئي وقت ناول، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ ۾ پڻ طبع آزمائي ڪيائين. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "وساريان نہ وسرن“ 1962ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو سندس ڪهاڻيڪار جي حيثيت

کي نمايان ڪري ٿو. بيدار جي ڪهاڻين ۾ انساني جذبن ۽ احساسن سان گڏ سماجي مسئلن ۽ اخلاقي قدرن جو عڪس ملي ٿو. هن وٽ رومانوي، اصلاحي ۽ سماجي پهلو نمايان آهن، جنهن ڪري سندس ڪهاڻيون پنهنجي دور جي سماجي حالتن ۽ انساني روين جي مطالعي لاءِ پڻ اهميت رکن ٿيون.

## غلام قادر سومرو

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو ولد نبي بخش سومرو، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعي نوشهري فيروز سان تعلق رکندڙ اديب هو. سندس ادبي سجاڳ گهڻ پاسائين هئي. هن ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ناقد، محقق، ڪالم نگار ۽ ماهرِ تعليم جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو . 1988ع ۾ علامه غلام مصطفیٰ قاسمي جي نگرانيءَ هيٺ "سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح" جي موضوع تي تحقيقي مقالو/ٿيسز مڪمل ڪري پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. غلام قادر سومري جي ڪهاڻين ۾ سماجي روين، انساني احساسن ۽ معاشرتي مسئلن سان گڏ طنز ۽ مزاح جو عنصر پڻ نمايان نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين جا مجموعا "ڏوڙيا پئجي ويا" (1965ع) ۽ "سهڻا ٿوهر" (1970ع) شايع ٿيل آهن. سندس افسانوي ادب کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ارتقا ۽ سماجي شعور جي حوالي سان اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪهاڻيءَ کي انساني زندگيءَ جي مختلف پاسن ۽ سماجي حالتن جي اظهار جو ذريعو بڻايو. هن جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جي عام زندگيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن کي حقيقت پسندانه انداز ۾ پيش ڪن ٿيون. سندس افسانوي ادب ۾ خاص طور عورتن جي سماجي حيثيت، سندن مسئلن ۽ معاشرتي حالتن جو عڪس نمايان ملي ٿو. سندس ڪهاڻي "پسمانده ڳوٺ" ۾ عورتن جي مسئلن کي مرڪزي حيثيت ڏني وئي آهي، جتي سماجي حقيقت نگاريءَ وسيلي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي مختلف پاسن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سندس ڪهاڻيون سماج جي اندر موجود مسئلن ۽ تضادن ڏانهن پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ جو وسيلو پڻ بڻجن ٿيون. سندس ڪهاڻي "ٽڪيل ماءُ" جي اسلوب مان به سندس سماجي شعور ۽ حقيقت پسنديءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ماءُ جي ڪردار ۽ ان سان لاڳاپيل جذباتي ڪيفيتن کي اهڙي نموني پيش ڪيو ويو آهي، جو عام گهريلو زندگيءَ جا مسئلا ۽ انساني احساس نمايان ٿين ٿا. ان سان گڏ سندس ٻين ڪهاڻين ۾ به معاشرتي روين، انساني رشتن ۽ زندگيءَ جي مختلف تجربن کي موضوع بڻايو ويو آهي.

## منير احمد "مانڪ"

منير احمد "مانڪ" ساهتي پرڳڻي سان لاڳاپيل اهم جديد سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو، جنهن سنڌي افسانوي ادب ۾ روايتي طرزِ اظهار کان مختلف جديد فني ۽ فڪري انداز متعارف ڪرايو. سندس ڪهاڻين ۾ فرد ۽ سماج جي وچ ۾ ڇڪتاڻ، انساني رشتن جي پيچيدگي، سماجي اڻبرابري، فرسوده قدرن، عورت جي حيثيت، نوجوانن جي مسئلن ۽ فرد جي وجودي ڪيفيتن کي خاص اهميت حاصل آهي. سندس لکڻين ۾ جديديت ۽ وجوديت جا اثر پڻ نمايان آهن، جنهن سبب سندس ڪهاڻي سماجي مسئلن سان گڏ فرد جي اندروني دنيا جو به مطالعو پيش ڪري ٿي. مانڪ جي ڪهاڻين جو اهم مجموعو "حويليءَ جا راز" آهي. هن مجموعي ۾ "حويليءَ جا راز"، "ٻاهر ٻاڦ نه نڪري"، "حقيقت ۽ دوکو"، "هڪ ڪهاڻي . سواءِ سري جي"، "پلاند"، "ڪاري"، "پهرين انام ڪهاڻي"، "ٻي انام ڪهاڻي"، "ٽين انام ڪهاڻي"، "بيٺل ڦيرو"، "وقتائتو موت"، "ڪلارڪ جي پهرين تاريخ"، "اتساهه جو موت"، "مئل زندگي"، "نوٽ بڪ/ڊائريءَ منجهان"، "انسان بوءِ . انسان بوءِ"، "روبوٽ" ۽ "گيس چيمبر" شامل آهن. مانڪ جي ڪهاڻي "حويليءَ جا راز" ۾ سماج جي فرسوده قدرن، روايتي بندشن ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ انساني مسئلن کي فني انداز سان سامهون آندو ويو آهي. ساڳيءَ طرح "ٻاهر ٻاڦ نه نڪري"، "ڪاري" ۽ ٻين ڪهاڻين ۾ انساني خواهشن، سماجي پابندين ۽ اخلاقي تضادن کي موضوع بڻائي، سماج جي انهن روين تي تنقيدي نظر وڌي وئي آهي، جيڪي فرد جي آزاديءَ ۽ فطري جذبن سان ٽڪراءَ ۾ اچن ٿا. "اتساهه جو موت" جهڙي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي دور جي سماجي ۽ لساني حالتن جو احساس پڻ ڏسي سگهجي ٿو. مانڪ جي افسانوي ادب جو هڪ اهم پاسو نوجوان نسل جا مسئلا آهن. "رجع ئي پڇاڙي" ۾ نوجوان جي بي روزگاري، محرومي، مستقبل جي غير يقيني ۽ زندگيءَ جي بي مقصد ٿيڻ واري احساس کي سماجي پسمنظر سان ڳنڍيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سندس ڪهاڻين ۾ فرد جي ذاتي تڪليف کي سماج جي وسيع مسئلن کان ڌار نٿو ڪيو وڃي؛ بلڪ بيروزگاري، سماجي اڻ برابري ۽ روايتي دٻاءَ کي فرد جي ذهني ڪيفيتن سان گڏ پيش ڪيو وڃي ٿو. سندس فني اسلوب جي هڪ خاص خوبي ٽيڪنڪ ۽ بياني انداز جي تجربن ۾ نظر اچي ٿي. ڪهاڻين ۾ ٽئين شخص جي بيانيه (Narrative) کان سواءِ اهڙا

انداز پڻ ملن ٿا، جن ۾ ڪردار جي اندروني سوچ، احساس ۽ نفسياتي ڪيفيت کي اهميت ڏني وڃي ٿي. اهڙي فني تجريدت سندس ڪهاڻين کي روايتي واقعاتي ڪهاڻيءَ کان الڳ ڪري جديد نفسياتي ۽ وجودي ڪهاڻيءَ جي ويجهو آڻي ٿي.

## ظفر عباسي

ڊاڪٽر ظفر عباسي جو جنم ڪنڊياري، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هو شاعر، محقق ۽ مترجم جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ سڃاتو وڃي ٿو. ننڍي عمر کان ئي سنڌي ڪهاڻيءَ ڏانهن سندس لاڙو رهيو ۽ وقت سان گڏ سندس ڪهاڻين جا مجموعا پڻ شايع ٿيا. سندس اهم ڪهاڻي مجموعن ۾ ”گهرا گهرا گهاءَ“ (1979ع)، ”تارن تارن هيٺ“ (1981ع)، ”سوال چهرا جواب چهرا“ (1982ع) ۽ ”ٽي دنيا“ (1996ع) شامل آهن.ظفر عباسي جي ڪهاڻين ۾ انساني زندگيءَ جي مختلف پاسن، خاص طور نفسياتي ڪيفيتن، خواهشن، سماجي روين ۽ انساني رشتن کي موضوع بڻايو ويو آهي. سندس افسانوي ادب ۾ رومانوي احساسن سان گڏ سماجي مسئلن جي عڪاسي پڻ ملي ٿي. هو ڪردارن جي اندروني ڪيفيتن ۽ سندن سماجي ماحول کي گڏ پيش ڪندي انساني زندگيءَ جي پيچيدگين کي اجاگر ڪري ٿو.

## منظور قادر

ڊاڪٽر منظور قادر ولد محمد موسیٰ قادر جو جنم 1 سيپٽمبر 1964ع تي ڳوٺ خانواهڻ، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هو شاعر، محقق ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”فيس بوڪ“ (2013ع) ۽ ”ست هزار ڏاڙيل“ شايع ٿيل آهن، جن مان سندس افسانوي ادب جي سڃاڻپ ٿئي ٿي. منظور قادر جي ڪهاڻي ”يار محمد جي لابي“ ۾ سنڌ جي شهري آبادين ۾ موجود سماجي بيچيني ۽ سماجي روين کي موضوع بڻايو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ”عيد مبارڪ“ ۾ مذهبي ۽ سماجي ماحول سان لاڳاپيل روين کي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ” ابداٽي ۾ پيل نوٽ“ ۾ عورت جي مجبوري، معاشي مسئلن ۽ عزتِ نفس جي سوال کي اهميت ڏني وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي معاشي محتاجي ۽ سماجي دٻاءُ سبب پيدا ٿيندڙ ڪيفيت کي نمايان ڪندي انساني وقار جي مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي. منظور قادر جي ٻين ڪهاڻين ۾ ”پيج ٿري“، ”ٻاتڙيل ماٺهو “، ”سرڪاري امداد“، ”فيس بوڪ“، ”زندگيءَ ڏي موٽ“، ”ستَ هزار ڏاڙيل“ ۽ ”اڪيون التجائون “ وغيره شامل آهن. انهن تخليقن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس ڪهاڻين جو بنيادي لاڙو سماج جي روزمره مسئلن، انساني رشتن، معاشي حالتن ۽ بدلجندڙ سماجي روين جي عڪاسيءَ ڏانهن آهي. هو عام انساني زندگيءَ جي مسئلن کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻائي سماجي حقيقتن، انساني احساسن ۽ معاشرتي تضادن کي اجاگر ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي تبديليءَ سان گڏ فرد جي مسئلن ۽ سماجي ماحول جي اثرن جو عڪس ملي ٿو، جيڪو ساهتي پرڳڻي جي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي شعور جي مطالعي لاءِ اهم آهي.

## عبدالوهاب سهتو

انجنيئر عبدالوهاب (5 مئي 1959ع) ولد محمد بخش، ڳوٺ جام نورالله، تعلقي ڪنڊيارو، ضلعي نوشهري فيروز سان تعلق رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي. هو بنيادي طور ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪري چڪو آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا به ڇپيل آهن.

## قاضي محمد علي ”اختر مورائي“

قاضي محمد علي ”اختر مورائي“ (1927ع - 1991ع) شاعر، مضمون نويس، ناٽڪ نويس سان گڏ ڪهاڻيڪار پڻ هو. قيام پاڪستان کان پوءِ سندس ڪهاڻين ۾ سماجي ۽ ثقافتي شعور، فطري منظرنگاري، تاريخي واقعن، فن ۽ مقصد جي سهڻي سنگم نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ تاريخي قصن سان گڏ روزمره زندگيءَ جا واقعا پڻ شامل آهن. سندس ڪهاڻي ”عجيب جرم جي عجيب سزا“ (1953ع) ماهوار فردوس ۾ ڇپي، جيڪا مغلن جي تاريخ مان ڪنيل تاريخي عشقيه ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ”پرويتا“ آهي ۽ ان ۾ تاريخي ماحول سان گڏ انساني نفسيات ۽ سماجي روين جي عڪاسي ملي ٿي:

> ”اتفاقاً منهنجي ملاقات هڪ عورت سان ٿي، جا پرويتا جي پاڙي واري هئي ۽ پرويتا وٽ هر وقت ايندي ويندي هئي. مون انهيءَ کي ڪجهه لالچ ڏئي پرويتا جي جسم جا چند نشان معلوم ڪيا ۽ پوءِ شهر جي

قاضيءَ جي عدالت ۾ پرويتا جي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪيم. جتي ڪاميابي نہ ٿي. ڇئن روزن کان پوءِ پرويتا مون تي ڪنگڻ جي چوريءَ جو الزام لڳايو.“ (32)

”هارون رشيد جو انصاف“ (سيپٽمبر 1953ع) تاريخي رومانوي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪردارنگاريءَ کي پلاٽ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. ”عزيز“ (ڊسمبر 1953ع) سماجي حقيقت نگاريءَ سان لاڳاپيل روايتي ڪهاڻي آهي، جڏهن تہ ”عتبہ“ (جولاءِ 1956ع) عباسي دور جي هڪ حسين ٻانهيءَ جي عشقيہ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ لالچ ۽ سماجي سوچن کي وائکو ڪيو ويو آهي. ”نون (9) جو انگ“ (جون 1957ع) سندس معاشرتي اصلاحي ڪهاڻي آهي، جيڪا ”ڳوٺ سڌار“ ۾ شايع ٿي. مجموعي طور اختر موراڻيءَ جون ڪهاڻيون تاريخي حقيقت نگاري، سماجي مشاهدي ۽ رس چس واري ٻوليءَ جي ڪري ساهتي پرکڻي جي ڪهاڻيءَ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون.

## ننگر خان ايم. پٽي

ننگر خان ايم. پٽي (1931ع - 1988ع) پنهنجي دور ۾ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ انفرادي زندگيءَ سان گڏ سماجي مسئلن جي عڪاسي پڻ ملي ٿي. سندس ڪهاڻي ”ڪامياب ٽڪر“ 1953ع ۾ ماهوار ”فردوس“ ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي خودمختياري، تعليم ۽ شاديءَ بابت روايتي سوچ سان اختلاف نمايان آهي:

”ڏس امان! جيڪڏهن ڇوڪرن جو اهڙيءَ طرح دماغ وڌايو ويو تہ پاڪستان ۾ سوين ڇوڪريون بنا شاديءَ رهجي وينديون؟ مان زندگيءَ ڀر ڪنواري رهنديس، مگر انهيءَ پڙهئي لکئي جاهل انسان جي ڪنوار ٿيڻ پسند نہ ڪنديس. مان پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ خود ڪمائينديس. ڊچ نہ امان اوهان جي گردن تي بوجھ ٿي ڪانہ رهنديس.“ (33)

”ڪاليجي زندگي“ (اپريل 1953ع) رومانوي ماحول ۾ لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ گفتگو، مڪالمن ۽ پيشڪش ذريعي جاذبيت پيدا ڪئي وئي آهي. مجموعي طور سندس ڪهاڻيون محبت، فردي احساسن ۽ سماجي روين جي عڪاسي ڪن ٿيون.

## امان الله ٻگهيو گچيرائي

امان الله ٻگهيي (1932ع - 2000ع) جو پهريون افسانو ”خيالي پلاءُ“ (1953ع) ماهوار ”فردوس“ ۾ شايع ٿيو، جڏهن تہ سندس افسانن جو مجموعو ”ڪم چور“ (1968ع) ”آواز سنڌ پبليڪيشن“ نوابشاهہ پاران ڇپايو ويو. سندس افسانن ۾ سنڌي سماج ۽ ماحول جو گهرو مشاهدو، غربت، مفلسي، بيوسي، معاشي بدحالي ۽ سماجي ناانصافين جي حقيقت پسندانہ عڪاسي ملي ٿي. ”ڪم چور“ جو خميسو خان غريب ڪلارڪ آهي، جنهن جي محدود آمدني، قرضن، گهر جي خرچن، بيمار پيءُ ۽ وڏي خاندان جون ذميواريون کيس ذهني دٻاءَ ۾ مبتلا ڪن ٿيون. افسانو غربت ۽ معاشي استحصال جي مسئلن کي نمايان ڪندي سماجي حقيقت نگاريءَ جو مؤثر مثال بڻجي ٿو، جڏهن تہ ان جو ڪلائيمڪس حالتن سان مقابلي ۽ حوصلي جو پيغام ڏئي ٿو. ”ڏوهاري“ ۾ غريب هاري عبدالله ۽ سندس پٽ ڪندو ذريعي ڳوٺاڻي سماج جي لاقانونيت، روايتي سزا، سماجي بي حسي ۽ طبقاتي ناانصافي کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪندو سان ٿيندڙ غير انساني سلوڪ سماج جي جبر ۽ اجتماعي بي رحميءَ کي ظاهر ڪري ٿو. هي افسانو ترقي پسند فڪر جو اولڙو رکي ٿو. ”ڏائڻ“ بي جوڙ شاديءَ، عورت جي مظلوميت ۽ دولت جي لالچ خلاف اهم سماجي افسانو آهي. ارڙهن ورهين جي عائشہ کي پنجاهہ ورهين جي شادي شده عبدالرحمٰن سان پرڻائڻ واري عمل ذريعي عورت جي مرضيءَ جي انڪار، خانداني لالچ ۽ ڳوٺاڻي سماج جي روايتي جبر کي وائکو ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ”ڪريل پٽ“ ۾ غريب والدين جي محنت، اولاد لاءِ قربانين ۽ پٽ پاران انهن اميدن جي ٽٽڻ کي موضوع بڻايو ويو آهي. ان ڪري امان الله ٻگهئي جي افسانن ۾ غربت، معاشي مسئلا، سماجي اوٿايون، ظلم خلاف جدوجهد، عورت تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا ثقافتي رنگ حقيقي انداز ۾ پيش ٿيل آهن. سادي ٻولي، منظرنگاري، ڪردارنگاري ۽ فني مهارت سندس افسانن کي سماجي حقيقت نگاريءَ جو اهم نمونو بڻائين ٿيون.

## هري همٿاڻي

هري همٿاڻي تعلقي موري جي ڳوٺ ”هيسب“ ۾ 13 فيبروري 1933ع تي ڄائو. سندس ڪهاڻين ۾ سماجي زندگي، انساني نفسيات، رومانوي احساسن ۽ سنڌ جي ثقافتي يادگيرين جو رنگ نمايان آهي. ”منهنجو گهر“ ڪهاڻيءَ نمبر ”سنڌو جوت“ ۾ شايع ٿيل ڪامياب ڪهاڻي آهي، جڏهن تہ ”اڇيتن“، ”پيار روئي ڏنو“ ۽ ”پري“ سندس اهم ڪهاڻيون آهن. ”پري“ ۾ عورت ۽ مرد جي جدا جدا نفسيات کي موضوع بڻايو ويو آهي. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ”پنگ جا رنگ“ (1968ع)، ”رچنا - ارچنا“ (1977ع)، ”سڌ ۽ پڙاڏا“ (1981ع)، ”پکهريل هٿ“ (1984ع)، ”ڪجهہ ٽٽل ٽٽل“ (1985ع)، ”گهٽائن جو چڪر“ (1987ع)، ”اڇيتن“ (1993ع)، ”اڌامندڙ ارمان“ (1998ع) ۽ ”ياد“ (2006ع) ۾ مختلف موضوعاتي ۽ فني رنگ ملن ٿا. سندس ٻولي پختي، اصطلاحي ۽ حسناڪ آهي. هن ڪيترن متروڪ ۽ وسريل سنڌي لفظن، جهڙوڪ ڄڙهہ ڳهہ اوڏڪي مٽي، خاشو ۽ ڪانچ، کي ٻيهر ڪتب آڻي ثقافتي ۽ لساني شعور کي پڻ زنده رکيو آهي. ”ڏاڏيءَ جي ڪٿ“، ”پنجون پهلوان“، ”ٽنجو“ ۽ ”مرجهايل ماضي“ جهڙين ڪهاڻين ۾ سنڌ سان وابستہ يادگيريون نمايان آهن.

## آنند کيماڻي

آنند کيماڻي 9 سيپٽمبر 1937 ع تي سڌوجا، تعلقي موري ۾ ڄائو. هو ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ ڪوتاڪار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ جديد دور جي نفسياتي، رومانوي ۽ سماجي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ملي ٿي. سندس اهم ڪتابن ۾ ”نومبر جي آخري رات“ ۽ ”رشتن جي سياست“ (2007ع) شامل آهن. ”ديوتا“ ۾ مڙس ۽ زال جي ذهني ۽ فڪري فرق کي موضوع بڻايو ويو آهي، جڏهن تہ ”برسات“ فئنٽسيءَ ذريعي فرد جي بيوسيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. ”روئندڙ رات جا ڪلندڙ ٽهڪ“، ”ٽٽل ڪڙيون“ ۽ ”هڪ نئين شروعات“ ۾ ازدواجي رشتن، انساني فطرت ۽ سماجي قدرن بابت سوال اٿاريا ويا آهن. ”ٽڪرا ٽڪرا“، ”هڪ اليڪٽرانڪ سلام“، ”نومبر جي آخري رات“، ”احساس جو موت“ ۽ ”پيلي ماس جو ٽڪرو“ ۾ نفسياتي حقيقت نگاري جا عنصر ملن ٿا. هن پلاٽ کان آزاد ”اڪهاڻي“ جي صنف ۾ پڻ تجربا ڪيا. سندس ٻين ڪتابن ۾ ”بيمار پيڙهي“، ”شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي“، ”بدلجندڙ دور ۽ تنقيد“، ”ڪنڊن جي سڳنڌ“ ۽ آتم ڪٿا شامل آهن.

## ناصر مورائي

سيد ناصر علي شاهہ (1937ع - 2001ع) ”ناصر مورائي“ ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس، صحافي ۽ مترجم هو. ون يونٽ واري دور ۾ هن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي فروغ لاءِ پمفليٽ ۽ پوسٽر شايع ڪرايا ۽ ماهوار ”روح رهاڻ“ جو سب ايڊيٽر پڻ رهيو. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون رخ ڏيندڙ ترقي پسند ۽ روشن خيال ڪهاڻيڪار طور سندس اهميت نمايان آهي. ناصر مورائيءَ جي ڪهاڻين ۾ سماجي نابرابري، ظلم، ناانصافي، غربت، بک، بيروزگاري، ڳوٺاڻي زندگي، سماجي ڏاڍ ۽ انساني محرومين جي عڪاسي ملي ٿي. ”موهن جي دڙي جو خزانو“، ”واپسي“ ۽ ”ڪارو چنڊ“ سندس اهم ڪهاڻيون آهن. ”ڪارو چنڊ“ ۾ رمضان نالي پورهيت جي ڪردار ذريعي طبقاتي فرق ۽ طاقتور طبقي جي جنسي استحصال واري ذهنيت کي وائکو ڪيو ويو آهي. ”واپسي“ ۾ ڳوٺ، مائٽن ۽ وطن سان وابستہ جذبات ذريعي سپاهيءَ جي اندروني ڪيفيت پيش ڪئي وئي آهي. ”آخري وصيت“ خانداني وراثت، ”اخبار زندگيءَ جو ساٿي“ اخبار جي اهميت، جڏهن تہ ”سچ ٿا مرد چون“ مرداڻي سماج ۽ ان جي تضادن تي طنز آهي. ”ٻريل شمعون ويران دل“ رومانوي ۽ ”پيچرو“ سماجي مسئلي سان لاڳاپيل ڪهاڻي آهي. ”درياهہ توتي دانهن“ (1959ع)، ”زندگي موت ۽ حياتيءَ جي ٻہ واٽيءَ تي“ (1958ع)، ”عشق جي راند“، ”اجگر“، ”هڪڙو هو پاڳل“ ۽ ”اناويهہ روپيا اناسي پئسا“ (1963ع) سندس ٻين اهم ڪهاڻين ۾ شامل آهن. ناصر مورائيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار سنڌي سماج مان کنيل آهن ۽ سندن وسيلي روزمره زندگيءَ جا ڏک، سور، بک، بيروزگاري، سماجي پيچ ڊاهہ ۽ اڻ برابري سامهون اچي ٿي. سندس فني ڪاميابي عبارت آرائي، حسن بياني، لفظن جي چونڊ، ڪردارنگاري، منظرنگاري، حقيقت نگاري ۽ مقصد جي سٺي اظهار ۾ سمايل آهي.

## نذير احمد قاضي

ورهاڱي کان پوءِ موري مان سنڌي ادب جي واڌ ويجهہ ۾ حصو وٺندڙ اهم نالن مان نذير احمد قاضي (9 فيبروري 1940ع) پڻ هڪ آهي. شاعر سان گڏ ڪهاڻيڪار طور سندس ڪهاڻين جو تعداد محدود، پر فني ۽ فڪري معيار بلند آهي. هن 1957ع کان روسي ڪهاڻيءَ جي ترجمي ذريعي ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ”پڪر“ 1964ع ۾ شايع ٿي. هيءَ ڪهاڻي غربت، طبقاتي فرق ۽ سماجي بي رحميءَ جي حقيقت پسندانہ تصوير پيش ڪري ٿي. ”ٻُڪي“ نوجوان ڇوڪريءَ جي ڪردار ۽

محبت جي شديد احساسن تي ٻڌل آهي، جڏهن ته ”واليون“ طبقاتي سماج، معاشي بدحالي، غربت ۽ پيرپرستيءَ تي طنزيه اشارن سان ڀرپور اهم ڪهاڻي آهي. ”روحي“ جدائي ۽ بيرخيءَ جو داستان آهي، جڏهن ته ”آخر هي داغ ڪيئن ڌوئبا“، ”پيار جي زبان“، ”عزت پوش“، ”ٻڙ جي چانو“، ”ٻليدان“، ”خدابخش ۽ خدا“، ”تاساري“، ”ڏيپ نه چرسون“، ”جهنگ ۽ ننگ آهي“، ”پوءِ ڊائو“، ”سرچاءُ“، ”مجرم مورتي“ ۽ ”رتني“ ۾ سماجي ڪردارن، درد، محرومي، غربت ۽ انساني پيڙا جي مختلف صورتن کي پيش ڪيو ويو آهي. پروفيسر شمشاد احمد سومرو نذير قاضيءَ جي ڪهاڻيءَ بابت لکي ٿو:

”نذير قاضيءَ پنهنجي لکيل ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي امنگن، احساسن ۽ محرومين کي ڀرپور انداز سان پيش ڪيو آهي. سادي سياجهي ٻولي، نهايت ٿورا لفظ ۽ مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي.“ (34)

”مجرم مورتي“ غربت ۽ بک جي موضوع تي هڪ چرڪائيندڙ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مضبوط پلاٽ ۽ ڪردارنگاريءَ ذريعي سماج جي پوئتي پيل سوچ، پراڻين رسمن ۽ جاگيرداري نظام خلاف احتجاج ڪيو ويو آهي. نذير قاضيءَ جا ڪردار پنهنجي زمين ۽ ماحول سان ڳنڍيل عام انسان آهن. سندس ڪهاڻين جو ڪو مجموعو هن وقت تائين شايع نه ٿيو آهي.

## راشد مورائي

ناميارو شاعر راشد مورائي (1944ع - 2014ع) نثر ۾ پڻ ڪهاڻيون لکيون. سندس پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ”پاڻيءَ تي پهرو“ 2006ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 27 ڪهاڻيون شامل آهن. سندس ڪهاڻيون جديد ادب جي سماجي حقيقت نگاريءَ واري لاڙي سان ويجهو تعلق رکن ٿيون. انهن ۾ نج سنڌي ماحول، ڳوٺاڻو لهجو، منظرنگاري ۽ مقامي ڪردارن جي زندگيءَ جا عڪس نمايان آهن. ”عشق نه اوڏڻ جو“ ۾ ذات پات جي متعصب سوچ ۽ ان جي تضاد کي، ”پلاند“ ۾ وڏيري جي جنسي استحصالي ذهنيت کي، ”پائپيءَ جي آڙ ۾“ ۾ معاشرتي الميي کي ۽ ”جيها ڪي تيها“ ۾ شاگرد جي مسئلي کي پيش ڪيو ويو آهي. ”محبت وڏي آهيان مامري“ سميت سندس ٻين ڪهاڻين ۾ به انساني رشتن ۽ سماجي روين جو اظهار ملي ٿو. راشد مورائيءَ جي ڪهاڻين جي اهميت ان ڳالهه ۾ آهي ته انهن ۾ مقامي سماج، ڳوٺاڻي زندگي، ذات پات، طبقاتي فرق، طاقتور طبقي جي استحصال ۽ انساني رشتن جي تضادن کي مقامي ثقافتي پسمنظر سان پيش ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سندس ڪهاڻي ساهتي پرڳڻي جي سماجي ۽ ثقافتي شعور جي مطالعي لاءِ اهم مواد فراهم ڪري ٿي. ”عشق نه اوڏڻ جو“ ۾ ذات پات ۽ مذهبي تعصب کي، ”پلاند“ ۾ وڏيري جي استحصالي ذهنيت کي، ”پائپيءَ جي آڙ ۾“ ۾ معاشرتي الميي کي ۽ ”محبت وڏي آهيان مامري“ ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جي شهادت کي موضوع بڻايو ويو آهي. ”هاءِ سي مڪڙيون“، ”اندر جو اساٽ“، ”رهبري يا رهزني“، ”ماڻهوءَ منجهه مرون“، ”ويچارو شريف“، ”شينهن جي ڪل“ ۽ ”اٽبٽ“ پڻ سندس اهم ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ قومي درد، ذات پات، طبقاتي فرق، سماجي ناانصافي ۽ انساني قدرن جي ڪوٽ خلاف شعور نمايان آهي. اهڙيءَ ريت راشد مورائيءَ جون ڪهاڻيون سماجي مسئلن جي نشاندهي سان گڏ قومي ۽ انساني شعور کي به اجاگر ڪن ٿيون.

## انور سولنگي

انور سولنگي (1944ع - 2008ع) اداڪار ۽ ڊراما نويس هجڻ سان گڏ ڪهاڻيڪار پڻ هو. سندس ڪهاڻيون شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگي، سماجي حالتن ۽ حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهن. ”وڻيون وه ڳاڏڙيون“ (2005ع) ۾ سندس ڪهاڻيون شامل آهن. شمشيرالحيدري سندس ڪهاڻين بابت لکي ٿو:

”انور سولنگيءَ جي ڪهاڻين جي وصف اها آهي ته اهي سڀ جون سڀ، سواءِ هڪ جي، بيحد مختصر آهن ۽ زندگيءَ جي تمام معمولي مشاهدن ۽ پختن تجربن تي لکيل آهن. ڪي موضوع انوکا آهن، ته ڪي عام موضوع به نئين نظر سان پيش ٿيا آهن. سندس ڪهاڻيون دماغ کي ڌڪ هڻڻ سان گڏ پنهنجي مخصوص انداز ۾ آهن. سندس هڪ ڏکهي ڪهاڻي ”مٽيءَ لڌو مان“ عالمي معيار جي ڪهاڻي آهي.“ (35)

”نامرد“، ”بک جو ڀرم“، ”دوکي جي ديوار“، ”ڪارو گهوٽ“ ۽ ”ڪوڙه جا نشان“ ۾ طبقاتي نظام، سماجي ناانصافي ۽ مروج نظام خلاف بغاوت جا اولڙا ملن ٿا، جڏهن ته ”پوڙها جذبا“ انساني حسرتن ۽ اميدن جي عڪاسي ڪري ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ مقامي

ٻولي، منظرڪشي، تشبيهون ۽ ننڍڙا پر اثرائتا مڪالما اهم فني خوبيون آهن. جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي فني ڪلائيمڪس جون تقاضائون مڪمل نٿيون ٿين، پر مجموعي طور سندس ڪهاڻيون سماجي حقيقتن ۽ مقامي زندگيءَ جي اثرائتي عڪاسي ڪن ٿيون.

## ڪيمن يو مولاڻي

ڪيمن يو مولاڻي (10 جون 1944ع) شاعر، مضمون نويس، مترجم ۽ ڪهاڻيڪار آهي. هن ابتدا ۾ مختلف ٻولين مان ڪهاڻيون ترجمو ڪري لڳ ڀڳ 200 ڪهاڻيون رسالن ۾ شايع ڪيون، جن مان چونڊ "پاڇو" (1988ع) ۾ شامل ڪئي. سندس اصل ڪهاڻين جو مجموعو "اوسيئڙو" (1998ع) آهي، جنهن ۾ "پوسٽ ڪارڊ"، "منو حلوائي"، "حور"، "سفر"، "انصاف"، "نئون صبح"، "اڌ مغزي"، "اوسيئڙو" ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. "حور" ۾ ظالم سماجي حالتن سبب معصوم محبت جي شڪست، جڏهن ته "سفر" ۾ پوڙهي پيءُ جي بي قدري ۽ خانداني رشتن جي بي حسي کي موضوع بڻايو ويو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار گهڻو ڪري پورهيت ۽ وچين طبقي سان تعلق رکن ٿا. ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري، درد، انساني محرومي، منظرنگاري ۽ بيراڳڙهه جي سنڌي وسنديءَ جو ثقافتي ماحول نمايان آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي سندس اسلوب بابت لکي ٿو:

> "ڪيمن يو مولاڻي جي ڪهاڻين ۾ ٻولي سرل، پڪي پُختي ۽ روانيءَ واري آهي. محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون ٻه سهڻي ۽ نهڪندڙ نموني ۾ استعمال ڪري لکڻين کي سلئوڻو ۽ رنگين بڻايو اٿائين. ڪهاڻي لکڻ جي قوت اٿس. اڻت ٻه سني ٿو ڪري." (36)

## مشتاق باگاڻي

مشتاق باگاڻي (12 اپريل 1949ع) شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نويس آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "اجهاڻل آس" (1973ع) اروڙ پبليڪيشن موري پاران شايع ٿيو. سندس ڪهاڻين ۾ قومي ۽ طبقاتي جبر، سنڌ سان محبت، بک، بيروزگاري ۽ سماجي بدحاليءَ جا موضوع نمايان آهن. "ڪتارو" ۽ "ڪوس" ۾ عوامي سجاڳي ۽ پنهنجي دور جي واقعن جي عڪاسي ملي ٿي. مشتاق جون ڪهاڻيون عام ۽ مقامي ڪردارن وسيلي سنڌي سماج جي مسئلن کي پيش ڪن ٿيون. سندس ٻولي نج سنڌي، سادي ۽ ٻهراڙيءَ جي لهجي سان ويجهو آهي. شوڪت حسين شورو سندس ڪهاڻين بابت لکي ٿو:

> "مشتاق باگاڻي جي ڪهاڻين جو بنيادي موضوع سنڌي قوم پرستي ۽ قومي جدوجهد آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ستايل ڌرتي ۽ نٻل نستن سنڌي ماڻهن سان اٿاهه پيار جو اظهار ڪيو آهي. باگاڻي جي ٻولي، جملا ننڍا ننڍا، مڪمل ۽ هنئين ۾ چڀي ويندڙ آهن. هن جي ٻولي ڌرتيءَ جي ٻولي آهي، جنهن ۾ شهري ملاوٽ ڪانهي. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي." (37)

انهيءَ لحاظ کان مشتاق باگاڻيءَ جي ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاريءَ سان گڏ قومي ۽ ثقافتي شعور جي ترجمان بڻجي سامهون اچي ٿي.

## ظفر لغاري

ظفر لغاريءَ (1970ع ـ 2021ع) جو پيدائشي نالو گل حسن هو. هن 1995ع ۾ "جر ۾ سپون جيئن" ڪهاڻيءَ سان لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو "پونءِ مان نڪتل ماڻهو" (2000ع) آهي، جنهن ۾ 19 ڪهاڻيون شامل آهن. "ڪُن ۾" ۾ غربت ۽ بيروزگاريءَ جو شڪار پڙهيل نوجوان، "ديوار ديس" ۾ عورت جو سماجي مسئلو، جڏهن ته "واريءَ ۾ وسڪار" ۾ سنڌي سماج جي روين تي طنز ملي ٿو. "اجهاڻل ڏسا" ۾ ماحول، ڊائلاگ ۽ ڪردارنگاريءَ سان گڏ جديد فني شعور نظر اچي ٿو. سندس ٻين ڪهاڻين "ڪنڌيءَ اُپيون ڪيتريون"، "رنگدار رئو"، "پنچائت"، "نئون قيدي"، "سترهن ڏينهن جو ٻهار" ۽ "واٽ اَواٽ" ۾ سماجي شعور، قومي سجاڳي، پورهيت جي پيڙا، روشن خيالي ۽ انساني نفسيات جي عڪاسي ٿيل آهي. ظفر لغاريءَ جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ريتن رسمن، عورت جي سماجي حيثيت ۽ سياسي حالتن سان گڏ جديد فڪري ۽ فني تجربا پڻ نمايان آهن. سندس ڪهاڻي سماجي تبديليءَ ۽ قومي ثقافتي شعور جي اهم ترجمان آهي.

## استاد بهاول لغاري

استاد بهاول لغاري (12 آگسٽ 1940ع) شاعر، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. سندس پهريون مجموعو ”اڌوري آس“ (2009ع) آهي، جنهن ۾ يارنهن ڪهاڻيون شامل آهن. ”ماستر موريل“، ”اڌوري آس“، ”معصوم خواهش“ ۽ ”ويچارو وريل“ ۾ غربت، بک، پورهيت طبقي جي پيڙا ۽ سماجي بي حسي نمايان آهن. ”ماستر موريل“ ۾ غربت ۽ اولاد جي بک سبب استاد جو ذهني بحران پيش ڪيو ويو آهي. ”ڪفن“ ۾ خانداني بي حسي ۽ اخلاقي زوال، جڏهن تہ ”مورو ڪوچ“ ۾ ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ملي ٿو. ”شريعتي رشتو“، ”لعل بازار“، ”عزرائيل سان احتجاج“، ”سودو سروبدر“، ”پڙپاٽي“، ”خاڪ ۽ ڪٽ“ ۽ ”گهرام جو گڏه“ ۾ غربت، بي روزگاري، پيري مريدي، سماجي ناانصافي ۽ استحصال تي تنقيد ڪئي وئي آهي.  استاد بهاول جون ڪهاڻيون طبقاتي سماج سان گڏ، تجسس ۽ دلچسپيءَ سان ڀريل آهن جن ۾ غريب ۽ معصوم طبقي جي احساسن کي هن قلمبند ڪرڻ جي ابتدائي سادي پر همت ڀري رويي سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا سنڌي سماج جي درد مندن ماڻهن جون ئي ڪهاڻيون آهن ۽ طبقاتي جبر جا وکا پڌرا ڪن ٿيون. مجموعي طور استاد بهاول لغاريءَ جي ڪهاڻين ۾ روايتي حقيقت نگاريءَ سان گڏ تاثريت جا اولڙا بہ ملن ٿا. هو فرسوده رسمن، منفي قدرن، مذهبي تنگ نظري، سماجي ناانصافي ۽ استحصالي روين خلاف مزاحمت، بغاوت ۽ طنز کي ڪهاڻيءَ جو حصو بڻائي ٿو. اهڙيءَ طرح سندس افسانا سماجي تبديليءَ، طبقاتي شعور ۽ ثقافتي سجاڳيءَ جي ترجماني ڪن ٿا.

## ارباب علي چڇڙو

ارباب علي چڇڙي ناٽڪ، ٽيلي ناٽڪ ۽ اسٽيج ڊرامي سان گڏ ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ پڻ اهم ڪم ڪيو. سندس ڪهاڻين ۾ انساني احساسن، جذبات ۽ نفسياتي ڪيفيتن سان گڏ سماجي مسئلا، طبقاتي اڻ برابري، عورتن سان ٿيندڙ ناانصافيون ۽ فرسوده روايتون نمايان آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ”پري“، ”خوبصورت موت“، ”خودڪشي“، ”سونو چلو“، ”جيني“، ”ڪچو ڪائي چڏيائين“، ”رهجي ويل منظر“، ”فرانس جي ريٽا“، ”ايڪيهين صديءَ جو منظر“، ”نوري“، ”حسن بازار“، ”پراڻو ڀڳوان“، ”انجلي“، ”غدار“، ”ٻولا“، ”تصوير“، ”ريشمان“، ”چيپاٽيل روح“، ”عشق“ ۽ ٻيون شامل آهن. ڪهاڻي ”سونو چلو“ ۾ عورت تي مرداڻي بالادستي، ملڪيت، اجائي انا ۽ سماجي جبر کي موضوع بڻايو ويو آهي، جڏهن تہ ”خوبصورت موت“ ۾ غربت، افلاس، سماج جي بي حسي ۽ قاتل ريتن رسمن سبب پيدا ٿيندڙ انساني بيوسيءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ”جيني“ ۾ مشرقي ۽ مغربي سماجي قدرن جو تقابلي عڪس ملي ٿو، جڏهن تہ ”ايڪيهين صديءَ جو منظر“، ”فرانس جي ريٽا“ ۽ ”ڪچو ڪائي چڏيائين“ ۾ معاشري جي اهم مسئلن ۽ سماجي حالتن کي پيش ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ارباب جي ڪهاڻين ۾ رومانيت ۽ جماليات سان گڏ سماجي شعور ۽ فرسوده سماجي ڍانچن خلاف تنقيدي رويو پڻ نظر اچي ٿو.

## خادم ٻگهيو

خادم ٻگهيو (1964ع ـ 2004ع) سنڌي ڪهاڻيءَ جو حقيقت نگار ۽ ترقي پسند ليکڪ هو. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ قومي حالتن، طبقاتي اڻ برابري، سماجي براين ۽ انساني نفسيات جي مختلف پاسن جي عڪاسي ملي ٿي. سندس ڪهاڻيون ”ساجاهہ“، ”سوجهرو“، ”سهڻي“ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيون، جن مان ”ويڄن آءُ ورچائي“ ۽ ”خالي ڀيل سيٽ جو ڏک“ خاص اهميت رکن ٿيون. ”ويڄن آءُ ورچائي“ ۾ هڪ خاندان جي پيڙا، طبي نظام سان لاڳاپيل مسئلن ۽ پراڻي سوچ جي نتيجن کي موضوع بڻايو ويو آهي. جڏهن تہ ”خالي ڀيل سيٽ جو ڏک“ ۾ غربت، مايوسي، نوجوان جي محرومين ۽ زندگيءَ جي جدوجهد کي انتهائي احساساتي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. خادم ٻگهيي جي ڪهاڻيءَ ۾ بياني انداز، ڪردارنگاري، نفسياتي ڪشمڪش ۽ مقصد جي چٽائي نمايان آهي. سندس لکڻين ۾ ترقي پسند فڪر وسيلي سماجي براين ۽ طبقاتي نظام خلاف شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ملي ٿي. ”نينهن پليو نفرتن ۾“ بابت موهن ڪلپنا جي واڪاڻ پڻ خادم جي افسانوي فن جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ”احساسن جي پيڙا“، ”سارنگ کي سارين“ ۽ ”سزا ۽ اسٽوپا تي ٻيٺل سارنگ“ قابل ذڪر آهن.

## اظهار مخدوم

اظهار مخدوم (پهرين اپريل 1967ع) بنيادي طور ڪهاڻيڪار آهي، جنهن پنهنجي افسانوي ادب ۾ سماجي زندگيءَ جي خارجي حقيقتن، عام ماڻهن جي مسئلن، طبقاتي فرق، غربت، بيروزگاري ۽ انساني نفسيات کي موضوع بڻايو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ بياني انداز، مڪالمو، حقيقت نگاري، سليس ٻولي، منظر نگاري ۽ جاندار ڪردار نگاري اهم فني خوبيون آهن. ”سڙيو گره“ ۾ انساني رشتن، قرباني ۽ بدلجندڙ نسل جي قدرن کي موضوع بڻايو ويو آهي، جڏهن ته ”ڪارو پٽر“ ۾ بک، بيروزگاري ۽ غربت سبب پيدا ٿيندڙ انساني بحران کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻين ۾ عام ماڻهو سماجي حقيقتن جي نمائندگي ڪندڙ ڪردار بڻجي سامهون اچن ٿا. ”الوداع“، ”سچ ۽ پاپا“، ”زهر گوري“، ”پڙاڏي جو سڏ“، ”مُهاندو“، ”لاش“، ”احساس“، ”وفا“، ”پروفيسر منهنجو دوست“، ”اڪيلو ئي اڪيلو“، ”بيوفائي“، ”مالهي“، ”ڪُوڙ“، ”ٽوٻو“، ”وات پٽيو“ ۽ ”زندگي“ جهڙين ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت، انساني درد ۽ طبقاتي مسئلن جي عڪاسي ملي ٿي. سندس فن ۾ سماجي شعور نمايان آهي، جيتوڻيڪ ڪجھ ڪهاڻين ۾ موضوعاتي ورجاءُ، فني اڻبرابري ۽ مايوسيءَ جو عنصر پڻ محسوس ٿئي ٿو.ڪيو ويو آهي. اظهار

### هدايت ڏيپر

هدايت ڏيپر (08 اپريل 1970ع) شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ پڻ لکيو آهي. سندس ڪهاڻين ”تنقيد“، ”اليڪشن“، ”بائيو ميٽرڪ“، ”نيڪيءَ جو ڪم“، ”ٻوٽيل اڪيون“، ”والي وارث“، ”پريس رليز“ ۽ ”وڏو شاعر“ ۾ سماجي ۽ سياسي مسئلن جي عڪاسي ملي ٿي. ”ٻوٽيل اڪيون“ ۾ سنڌ جي بدحالي، حڪمرانن جي بي حسي، عوامي محرومين ۽ ڌرتيءَ جي مستقبل بابت خدشن کي پيش ڪيو ويو آهي. هدايت جي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري، سياسي شعور ۽ سماجي بيمارين خلاف تنقيدي رويو نمايان آهي. سندس ڪهاڻيون سنڌي سماج جي معاشي ۽ سياسي حالتن ڏانهن پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائين ٿيون، جيتوڻيڪ ڪجھ ڪهاڻين ۾ ڪلائيمڪس ۽ فني جوڙجڪ وڌيڪ سگهاري ٿيڻ جي گنجائش پڻ نظر اچي ٿي.

### خالد ”ساحل“ ڪيريو

خالد ”ساحل“ڪيريو (01 جنوري 1983ع) افسانوي ادب سان لکڻ جي شروعات ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي ”تنهنجي وڃڻ کان پوءِ“ ڊسمبر 1999ع ۾ ۽ ”محبت جي پوري ڪهاڻي“ 2003ع ۾ ڇپي. سندس شروعاتي ڪهاڻين ۾ رومانيت، محبت، وڇوڙو ۽ انساني جذبات نمايان آهن، جڏهن ته بعد جي ڪهاڻين ۾ ڳوناٺي ۽ شهري زندگيءَ جي تضادن، سماجي مسئلن ۽ انساني نفسيات کي پڻ موضوع بڻايو ويو آهي. ”محبت جي پوري ڪهاڻي“ ۾ محبت جي جذباتي ۽ نفسياتي ڪيفيتن کي پيش ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ”فريب“ ۾ وڇوڙي ۽ انساني الميي کي تجسس ۽ جذباتي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي. ”ٽڪڙو فيصلو“، ”ڳوڙهن ڳل پُسايا“ ۽ ”سانڊي سُور اندر ۾“ ۾ وڇوڙو، جذبات، ماحول ۽ انساني داخلي ڪيفيتون اهم حيثيت رکن ٿيون. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ”پڇتاءُ“، ”اڌورا ماڻهو“، ”نراس محبت“، ”دولت جو نشو“، ”تنهنجي خوشيءَ خاطر“، ”آئينو“، ”ناجائز بار“ ۽ ”خالي وجود“ ۾ محبت، احساس، سماجي روايتن ۽ انساني زندگيءَ جي مختلف پاسن جي عڪاسي ملي ٿي. سندس افسانوي اسلوب ۾ رومانوي فڪر سان گڏ سماجي مشاهدو ۽ انساني نفسيات جي مطالعي جو عنصر پڻ موجود آهي.

ساهتي پرڳڻي جي عورت ڪهاڻيڪارن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي حقيقت نگاري ۽ ثقافتي شعور جي حوالي سان سماجي مسئلن، عورت جي حيثيت، خانداني زندگي ۽ بدلجندڙ معاشرتي قدرن کي موضوع بڻايو آهي. انهن ليکڪائن جي ڪهاڻين ۾ عورت جي ذاتي احساسن سان گڏ سماج ۾ موجود صنفي اڻبرابري، معاشي ۽ سماجي پابندين ۽ روايتي سوچ جو عڪس، ڪاروڪاري، فرسوده رسمون، پيري مريدي، طبقاتي فرق، ڏاج، شاديءَ جا مسئلا، عورت جي حقن ۽ گهريلو ناانصافين جهڙا موضوع نمايان آهن.

### ثمينه ميمڻ

ثمينه ميمڻ (6 مئي 1965ع) موري جي علمي ۽ ادبي ماحول مان اڀري آيل اهم عورت ڪهاڻيڪاره آهي. هن 1983ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ سندس ڪهاڻيون ”بالڪ“، ”پارس“، ”مومل“، ”سرتيون“، ”نئين زندگي“ ۽ ”تماهي مهراڻ“ سميت مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيون. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”ترورو“ 15 ڪهاڻين تي مشتمل آهي. ثمينه جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ڳوناٺي ۽ شهري سماج جي گهريلو زندگي، عورتن جي نفسيات، شادي، رشتن، محبت، نفرت، عداوت، سماجي ناانصافي ۽ فرسوده رسمن جي عڪاسي ملي ٿي. ”آٿت“ ۾ نوجوان ڇوڪريءَ جي مرضيءَ خلاف پوڙهي شخص سان شاديءَ ذريعي عورت جي

سماجي بي وسيءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ”اندر روح رهيام“ ۾ شڪ، عورت تي ٿيندڙ تشدد ۽ سماجي ذهنيت کي موضوع بڻايو ويو آهي. ”نينهن نہ سڃاڻن جي“ ۾ مرداڻي ڪردار جي مڪروهہ روش کي وائکو ڪرڻ سان گڏ عورت جي ڏاهپ ۽ شعور کي نمايان ڪيو ويو آهي. ”ترورو“، ”ڏاهيون ڏک ڏسن“، ”لڱيس جنهن جي لام“، ”ڏولي ڪير ڪٽي“ ۽ ”ورهيہ وڇوڙا“ جهڙين ڪهاڻين ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، مڪالما ۽ ٻوليءَ جي فني خوبي سان گڏ سماجي حقيقت نگاري نظر اچي ٿي. ثميٺہ جون ڪهاڻيون عورتن تي ٿيندڙ ظلم، طبقاتي نظام، فرسوده رسمن ۽ سماجي بيمارين خلاف شعور پيدا ڪن ٿيون. سندس افسانوي ادب ۾ عورت جي نفسياتي، ذهني، جذباتي ۽ داخلي ڪيفيتن جي عڪاسي سان گڏ جديد فڪري لاڙا پڻ موجود آهن. ان لحاظ کان ثميٺہ ميمڻ ساهتي جي عورت ڪهاڻيڪارن ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور جي حوالي سان اهم مقام رکي ٿي.

## عابده گهانگهرو

عابده گهانگهرو (1 فيبروري 1969ع) ولد محمد هاشم گهانگهرو جو تعلق محراب پور، ضلعي نوشهري فيروز سان آهي. هوءَ محقق ۽ اديب ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي شريڪِ حيات آهي. سندس لکڻين ۾ عورتن جي مسئلن ۽ سماجي حالتن بابت حساسيت نمايان آهي. سندس افسانوي ادب ۾ عورت، خاندان ۽ سماج جي وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ سان گڏ بدلجندڙ سماجي قدرن جو احساس بہ نظر اچي ٿو.عابده گهانگهرو جي ڪهاڻين جي هڪ اهم خصوصيت ساهتي سماج جي مقامي ماحول ۽ ثقافتي حوالن جي عڪاسي آهي. هوءَ سنڌي سماج جي عام زندگيءَ کي ويجهي مشاهدي سان ڪهاڻيءَ جو حصو بڻائي ٿي، جنهن سان سندس افسانوي ادب ۾ سماجي ۽ ثقافتي شعور جا پاسا نمايان ٿين ٿا.

## بانو محبوب جوکيو

بانو محبوب جوکيو (25 سيپٽمبر 1969ع) ولد غلام بتول، محراب پور، ضلعي نوشهري فيروز سان تعلق رکندڙ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. ”گدلي دنيا گدلا ماڻهو“ ۽ ”بي نڪا ماڻهو“ سندس ذڪر لائق ڪهاڻيون آهن. سندس لکڻين ۾ سماجي مسئلن سان گڏ عورت جي زندگيءَ ۽ نفسياتي احساسن کي پڻ اهميت ڏني وئي آهي. خاص طور ”بي نڪا ماڻهو“ ۾ عورت جي اندروني ڪيفيت ۽ سماجي دٻاءَ کي موضوع بڻايو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي احساسن ۽ نفسياتي پيچيدگين کي اهڙي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جو انفرادي تجربو وسيع سماجي پسمنظر سان ڳنڍجي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت بانو محبوب جي ڪهاڻين ۾ عورت جي مسئلن سان گڏ خانداني ۽ سماجي قدرن جي اثرن جو بہ اظهار ملي ٿو.

نئين ٽهيءَ جي عورت ڪهاڻيڪارن ۾ ماه لقا خوشبو، غزل سنڌي ۽ شبانہ عالماڻي پڻ ذڪر لائق آهن. ماه لقا خوشبوءَ جون ”عورت“ ۽ ”الله ڏاهي مَ ٿيان“ ڪهاڻيون 1998ع ۽ 1999ع ۾ ”مجتا“ ۾ شايع ٿيون، جن ۾ حقيقت نگاريءَ جو رنگ نمايان آهي. غزل سنڌيءَ جي ”ڪاروڪاري“ ۾ عورت سان لاڳاپيل هڪ اهم سماجي مسئلو ۽ زندگيءَ جون داخلي توڙي خارجي ڪيفيتون پيش ڪيون ويون آهن. شبانہ عالماڻي جون ”جوڳي“ ۽ ”راڳ ۽ ياڳ“ ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ جي عڪاسي ڪن ٿيون. انهن ڪهاڻيڪارن جي لکڻين مان سماجي مسئلن، عورتن جي حقن ۽ ثقافتي قدرن بابت وڌندڙ شعور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو تہ هن خطي جي ڪهاڻي سنڌي افسانوي ادب جي مجموعي ارتقا سان ڳنڊيل هجڻ سان گڏ پنهنجي مخصوص تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي ماحول جي عڪاسي پڻ ڪري ٿي. مقامي سماج، ڳوٺاڻي زندگي، روايتن، ٻولي، ثقافتي قدرن ۽ انساني رشتن ڪهاڻيڪارن جي تخليقي شعور کي گهرو اثر ڏنو، جنهن سان مقامي زندگيءَ جا مختلف رنگ ادبي صورت ۾ محفوظ ٿيا. ورهاڱي کان اڳ ڪهاڻين ۾ اخلاقي سڌارو، انساني همدردي، تعليم، عورتن جي حيثيت، مذهبي رواداري، قومي آزادي ۽ سماجي برابري جا موضوع نمايان رهيا. منوهر داس وٽ اخلاقي قدر، پارومل ڪيولراماڻيءَ وٽ جديد سماجي فڪر، خوشيرام واسواڻيءَ وٽ سماجي ۽ سياسي ذميواري، امر لعل هنڱوراڻيءَ وٽ سماجي حقيقت نگاري، ليکي تلسياڻيءَ وٽ عورت ۽ محروم طبقن جا مسئلا، ايم. آر. مائيداساڻيءَ وٽ غربت ۽ طبقاتي ناانصافي، ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ وٽ آزادي، انساني حقن ۽ قومي شعور جو اظهار ملي ٿو.

ورهاڱي کان پوءِ سماجي مسئلن جو دائرو وڌيڪ وسيع ٿيو. غلام قادر سومري وٽ طنز ۽ مزاح، امان الله ٻگهئي ۽ استاد بهاول لغاريءَ وٽ غربت ۽ معاشي استحصال، ناصر مورائيءَ وٽ طبقاتي فرق ۽ بيروزگاري، نذير احمد قاضيءَ وٽ انساني پيڙا، راشد مورائيءَ وٽ ڳوناٺو ماحول، ذات پات، طبقاتي فرق ۽ قومي درد، جڏهن ته مشتاق باگاڻي ۽ ظفر لغاريءَ وٽ قومي ۽ ثقافتي شعور نمايان نظر اچي ٿو. منير احمد ماڻڪ ۽ آنند کيماڻيءَ جي ڪهاڻين سان فرد ۽ سماج جي ڇڪتاڻ، نفسياتي ڪشمڪش، وجودي احساس، انساني رشتن جي پيچيدگي ۽ جديد زندگيءَ جي بحرانن کي وڌيڪ داخلي ۽ نفسياتي فني انداز مليو. اهڙيءَ طرح ساهتي جي ڪهاڻي روايتي واقعاتي انداز کان جديد نفسياتي ۽ فني تجربن ڏانهن وڌندي نظر اچي ٿي. ثقافتي شعور ۾ مقامي ٻولي، لهجو، ڳوناٺو ماحول، لوڪ قدر، انساني رشتا، ڌرتيءَ سان وابستگي، قومي سڃاڻپ، عورت جي حيثيت ۽ بدلجندڙ سماجي قدر شامل رهيا. هري همٿاڻيءَ، راشد مورائيءَ، مشتاق باگاڻيءَ ۽ ظفر لغاريءَ جي ڪهاڻين مان ٻولي ۽ ثقافت جي هن اهم ڪردار جي چٽي سڃاڻپ ٿئي ٿي.

عورت ڪهاڻيڪارن، خاص طور ثمينہ ميمڻ، عابده گهانگهرو ۽ بانو محبوب جوکئي، عورت جي ذاتي ۽ نفسياتي مسئلن کي سماجي بناوت سان ڳنڍيندي زوريءَ شادي، گهريلو تشدد، مرداڻي بالادستي، ڪاروڪاري، معاشي محتاجي ۽ صنفي اڻبرابريءَ جهڙن مسئلن کي اجاگر ڪيو. ان سان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي آواز ۽ سماجي حيثيت بابت نوان سوال اڀريا. فني لحاظ کان ساهتي جي ڪهاڻي سادي اخلاقي ۽ اصلاحي انداز کان سماجي حقيقت نگاري، طنز، علامت، نفسياتي تجزئي، داخلي خودڪلامي، تجريدي اظهار، فئنٽسي ۽ نين بياني ٽيڪنڪن تائين پهتي. مڪالما، ڪردارنگاري، منظرنگاري، مقامي ٻولي ۽ علامتي اظهار پڻ ان جي فني سڃاڻپ جا اهم پاسا بڻيا. مجموعي طور، ساهتي پرڳڻي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تبديلي ۽ ثقافتي شعور هڪ مسلسل ارتقائي عمل طور سامهون اچي ٿو. ورهاڱي کان اڳ اخلاقي اصلاح، سماجي سڌارو، قومي آزادي ۽ تعليم، جڏهن ته ورهاڱي کان پوءِ غربت، طبقاتي اڻبرابري، بيروزگاري، عورتن جا مسئلا، نفسياتي بحران، قومي سڃاڻپ، ثقافتي تحفظ ۽ جديد زندگيءَ جا مسئلا وڌيڪ نمايان ٿيا. تنهن ڪري ساهتي جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي رڳو علائقائي ادب نہ، پر سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي، فڪري، سماجي ۽ فني ارتقا جي اهم حصي طور ڏسڻ گهرجي.

**حوالا:**


(1) قريشي حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، نواب شاهہ ضلعو، تاريخي شهر ۽ شخصيتون، نواب شاهہ ڊسٽرڪٽ ڪلچرل سوسائٽي، نواب شاهہ، 1987ع، ص 9.

(2) ساڳيو، ص 10.

(3) علي بن حامد ڪوفي، چچنامو، ص 55؛ قدوسي اعجاز الحق، تاريخ سنڌ (اردو، جلد اول)، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1980ع، ص 26.

(4) قريشي حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، نواب شاهہ ضلعو، تاريخي شهر ۽ شخصيتون، نواب شاهہ ڊسٽرڪٽ ڪلچرل سوسائٽي، نواب شاهہ، 1987ع، ص 14.

(5) مير محمد معصوم بکري، تاريخ معصومي، مترجم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ، 1953ع، ص 298.

(6) مرزا قليچ بيگ، قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1981ع، ص 383.

(7) ملاح مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، نيو ڪانياواڙ بڪ اسٽور، 2006ع، ص 289.

(8) مغل غلام نبي، افسانو ۽ افسانہ نگار، ماهوار سهڻي، 1968ع، ص 4.

(9) Wells, H.G. Modern Short Stories, P. No. 126

(10) وقار عظيم، پروفيسر، داستان سي افساني تڪ، الوقار پبلشر، لاهور، ص 56.

(11) ماڻڪ، منير احمد، مختصر افسانو ۽ مقصديت، ماهوار روح رهاڻ، حيدرآباد، 1966ع، ص 13.

(12) عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 1983ع، ص 63.

(13) لڇاڻي، جگديش، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2006ع، ص 62.

(14) مهر، ممتاز، سنڌي ڪهاڻي، پس منظر پيش منظر، آرسي ـ 4، حيدرآباد، ص 252.

(15) قريشي، حامد علي خانائي، سنڌي زبان جا ماهوار رسالا، سه ماهي مهراڻ، 1981ع/2.

(16) مهر، ممتاز، سنڌي ڪهاڻي: پسمنظر ۽ پيش منظر، آرسي ـ 4، حيدرآباد، 1985ع، ص 252.

(17) شورو، شوڪت حسين، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نوان لاڙا ۽ تحريڪون، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي، 2006ع، ص 343.

(18) ڪوڙو مل، منوهر داس، ”ڏينهن ۽ رات“، ماهوار سنڌو، نومبر 1946ع، ص.

(19) اتم اي جي، سنڌ جي ڪهاڻي ، ناٽڪ ۽ تنقيد، ڪلپنا ڪتاب گهر، الهاس نگر ممبئي، 1981ع، ص 50

(20) ٻاٻاڻي ڪيرت، ادو عبدالرحمان (مضمون)، سنڌي تنقيد، مرتب: هريش واسواڻي، ساهتيه اڪيڊمي نئي دهلي، 1985ع،

(21) حسين فهميده، ڊاڪٽر، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو روپ، (مهراڻ 3-1993ع/4)، ص 70

(22) عرساڻي شمس الدين، ڊاڪٽر، آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1982ع، ص 201

(23) ٻاٻاڻي ڪيرت، سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر ممبئي، 1989ع، ص 44

(24) لچاڻي جڳديش، سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 1996ع، ص 88

(25) ساڳيو، 1996ع، ص 80

(26) ملاح مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، نيو ڪانياواڙ اسٽور، 2006ع، ص 434

(27) آگرو غلام رباني، سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2013ع، ص 75

(28) خواجه، نور افروز، ڊاڪٽر، پائي پٽ ڪٿا، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد، 2005ع، ص 328

(29) ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، 2002ع: سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

(30) خواجه، نوور افروز، ڊاڪٽر، 2010ع: ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، شيخ شوڪت اينڊ سنز، ڪراچي.

(31) نظير، ريحانه، ڊاڪٽر، 2016ع: نجم عباسي جديد انقلابي فڪر جو ترجمان، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد.

(32) مورائي اختر، عتبه (ڪهاڻي)، ماهوار تقاضا لاڙڪاڻو، جولاءِ 1956ع، ص 7.

(33) ٿٽي ايم ننگر خان، ڪامياب ٽڪر (افسانو)، ماهوار فردوس هالا، 1953ع، ص 34.

(34) سومرو شمشاد احمد، پروفيسر نذير قاضي (شخصيت، فن ۽ فڪر)، ٽماهي مهراڻ، 2018ع، ص 217.

(35) سولنگي انور، وٺيون وه ڳاڏڙيون، سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ ڪراچي، 2005ع، ص 12، 13.

(36) مولاڻي ڪيمن يو، اوسيئڙو، لڪشمي پبليڪيشن ٻئراڳڙ ڀوپال، 1998ع، ص 6.

(37) مشتاق، اجهاءُ آس، اروڙ پبليڪيشن مورو، 1973ع، ص 7، 8.